شخصيت جي ويڳاڻپ

جو

فلسفو

سبط حسن

اڪي جويو

اوسر پبليڪيشن ڪراچي

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان سورهه ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

شخصيت جي ويڳاڙپ جو فلسفو

سبط حسين
خاڪي جويو

ساڌيهم اشاعت گهر حيدرآباد

Soorih Mirani

كتاب : ٥

ڇپائيندڙ: رڪ سنڌي، سيڪريٽري، ساڻيهه اشاعت گهر
حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ: لاهوت آرٽ پرنٽرز، هوسٽيڊ هال چاڙهي
حيدرآباد سنڌ.

ڇاپو : پهريون، فيبروري ١٩٨٥ع.

قيمت : ٤ روپيه

Book: 5

Book: Vaganap jo Philsopho.
By: Sabit Hassan.
Publiser: Ruk Sindhi, Secretary, Saneeh
Ishait ghar Hyderabad Sind.
First Edition: February 1985.

Soorih Mirani

سنڌيڪار پاران

هيءَ شخصيت جي ويڳاڻپ جي فلسفي تي مبني مضمون، جيڪو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، اهو اردو جي مشهور ترقي پسند اديب ۽ مارڪسي فڪر جي ڄاڻو محترم سبط حسن جي "موسيٰ سي مارڪس تڪ" ڪتاب جي چوڏهين باب - "مارڪس جي بيگانگيءَ جي فلسفي" جو ترجمو آهي.

جنهن ۾ مصنف مارڪسي فڪر جي روشنيءَ ۾ بيگانگيءَ جي فلسفي جو تنقيدي جائزو وٺندي ٻڌايو آهي ته ڪهڙيءَ ريت سونهن ۽ سچ کي اسرڻ ۽ اپرڻ کان روڪڻ جو عمل، طبقيوار سماج جي پيداوار آهي ۽ طبقيوار سماج جو آخري ڇيهه سرمائيداري نظام آهي. جيڪو انسان کان آزاد تخليقي عمل کسي، کيس پئسي جو غلام ڪري ڇڏي ٿو. جنهن جي ڪري انسان جون حقيقي خوشيون ۽ خواهشون ٽوڙي آمنگون ۽ احساس پئسي جي ڪهاڻي ۾ ڦاسجندا رهن ٿا.

سرمائي پسند سماجي شعور، انسان کي حقيقي انساني ۽ فطري احساسن، امنگن ۽ جذبن کان وانجهي، کيس هزارادو ۽ مصنوعي خواهشن جو مريد ڪري ڇڏي ٿو. جيڪي ان کي رات ڏينهن دولت جي ديوتائن جي اڳيان سجده ڪرائيندا رهن ٿا.

جڏهن ته انسان جي، انسان ٿيڻ جو بنياد ئي اهو آهي، جو هن کي پنهنجين فطري خواهشين جي پورائيءَ لاءِ فطرت کي پنهنجي ڪتب آڻڻ جي عمل جي، پاڻ ۾ سگهه پيدا ڪئي آهي. پر جيئن ته موجوده سرمائي پسند سماج، انسان جي حقيقي ۽ فطري خواهشين، خوشين ۽ جذبن، احساسن ۽ امنگن کي دولت جو غلام بنائي ڇڏي ٿو. ان ڪري هر اهو انسان ـ جيڪو سرمائيدار سماجي شعور سان لاڳاپيل هجي ٿو. بنيادي طور فطري انساني خواهشين ۽ احساسن کان وانجهيل هجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح هو پئسن ڪمائڻ جي رڳو هڪ مشين ئي ٿي پوندو آهي، ڇو جو سرمائي پسند سماج جون روزمره واريون حالتون کيس باور ڪرائينديون آهن ته پئسي ۾ هرڪنهن شئي جي خريد ڪرڻ جي سگهه آهي. جنهن ان کي هڪ ”پاڻ ڏاڍيءَ طاقت“ جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي.

اهو ئي سبب آهي، جو سرمائيدار سماجي سوچ جو دفاع ڪندڙ سرمائي جو مالڪ ڇوندو آهي ته منهنجيءَ طاقت جو سرچشمو، منهنجي دولت آهي. سرمائي جي سگهه منهنجي پنهنجي سگهه به آهي ته صلاحيت به آهي، ڇو جو مان بدصورت هوندي، خوبصورت عورت خريد ڪري سگهان ٿو. منهنجيءَ بدشڪليءَ کي، منهنجي دولت خوبصورتيءَ ۾ تبديل ڪريو ڇڏي، مان لولو لنگڙو هوندي، ڇوويهن پيرن وارو هوندو آهيان، جو

Soorih Mirani

منهنجي دولت منهنجي هر عيب کي ڍڪيندي آهي، مان نفرت جو ڳڙو، بي اصولو ۽ بيوقوف هوندي عزتدار، ايماندار ۽ سمجهدار هوندو آهيان. جو منهنجي دولت منهنجيءَ عزتداريءَ جي، منهنجيءَ ايمانداريءَ ۽ سمجهداريءَ جي رکوال هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو دولتمند انسان بي ايمان هوندي، ايماندار هوندو آهي. بيوقوف هوندي به سمجهدار هوندو آهي، نالائق هوندي به لائق هوندو آهي ۽ نااهل هوندي به اهل هوندو آهي ڇو ته پئسو ئي هرڪنهن شيءِ جو حقيقي ذهن هوندو آهي.

حقيقت ۾ سرمايو ئي آهي، جيڪو انسان جي غيرفطري خواهشين کي وجود ڏئي، سندن انفراديت کي ختم ڪري ڇڏي ٿو، ۽ فرد جي ذات ۽ ان جي سماجي بندڻن ۾ وڳوڙ پيدا ڪري ڇڏي ٿو ۽ انسان جي فطري صفتن جي غير فطري جوڙجڪ ڪري ٿو. جنهنجي ڪري وفاداريءَ کي بيوفائيءَ ۾، بيوفائيءَ کي وفاداريءَ ۾، محبت کي نفرت ۾، نفرت کي محبت ۾، نيڪيءَ کي بديءَ ۾، بدي کي نيڪي ۾، حماقت کي ذهانت ۾ ۽ ذهانت کي حماقت ۾ بدليندو رهي ٿو.

انسان جو بحيثيت انسان جي، اندروني (فطري) توڙي بيروني (معروضي) دنيا سان جيڪو لاڳاپو هئڻ گهرجي، پئسو ان جي نفي ڪري ٿو. پر انسان کي انسان سمجهندي، سندس فطرت جي لاڳاپي کي، انساني لاڳاپي جي صورت ۾ ڏسبو ته پوءِ ”پيار جي

Soorih Mirani

بدلي پيار ۽ پروسي جي بدلي پروسو ئي ملندو. جيئن جيڪڏهن ڪنهن کي آرٽ ۽ فن مان لطف اندوز ٿيڻو آهي ته ڪيس آرٽ ۽ فن جو ڄاڻو ٿيڻو آهي، يا پنهنجيءَ شخصيت جو ٻين ماڻهن تي تاثر ڇڏڻو آهي ته ڪيس اهڙيءَ شخصيت جي ٿيڻ لاءِ انهن ماڻهن ۾ جوش ۽ جذبو پيدا ڪرڻو آهي، يا جيڪڏهن ڪو ڪنهن سان محبت ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪيس ان لاءِ پنهنجي محبوب ۾، پنهنجي پاڻ لاءِ محبت جو جذبو اڀارڻو آهي. يعني ڪيس پنهنجي پاڻ ۾ اهڙو محبوباڻو انداز پيدا ڪرڻو آهي.

سرمائي پسند سماج ۾ پئسي پرستي زندگيءَ جو مقصد بڻجي پوي ٿي، جنهن جي ڪري انسان جو ذهن ۽ ضمير ذبحجي پوي ٿو ۽ انسان پنهنجي انسانيت کان محروم ٿي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هو نه رڳو پنهنجي انفرادي آزادي وڃائي ويهي ٿو. پر پنهنجين تخليقي قوتن ۽ صلاحيتن کي به غيرن جي غرض پرست مفادن جي منهن ۾ ڏئي ڇڏي ٿو. ڪيس رڳو ٻيا انسان ئي نه پر پنهنجي ذات به پرائي نظر ايندي آهي.

اهو ان ڪري ٿيندو آهي، جو پورهي کي پيداوار کان پري ڪيو ويندو آهي. يعني خالق کان مالڪي کسي ويندي آهي، ٻين لفظن ۾ اوپرائپ ۽ اڪيلائپ يا ويڳاڻپ واريون ذاتي خواهشون ۽ جبلتون ذاتي ملڪيت جي پيداوار آهن، جنهن جو آخري ڇيڙو ۽ انتها سرمائيداري نظام آهي.

Soorih Mirani

لائق مصنف پنهنجي ڪتاب جي هن باب ۾ سرمائيدار نظام تحت ”ذات جي ويڳاڻپ جي فلسفي“ جي سمجهاڻي ڏيندي وڏيڪ اهو پڻ ڄاڻايو آهي ته جيئن انساني ارتقا جو وڏو عرصو زندگي گذارڻ جي منصوبه بند طريقي جي بدران زندگيءَ جي ذريعن کي هٿ ڪرڻ ۾ گذريو آهي، ان ڪري انسان ۽ حيوان جي ”جيوتي جوڙ“ [حياتياتي عمل] ۾ نوعيت جو نه پر درجي بنديءَ جو فرق پئي رهيو آهي. جيتوڻيڪ انسان جنهن آئيندي واريءَ سماجي اڏاوت جو گهرجائو آهي، ان ۾ هو پهريون پيرو آزاد ۽ خودمختيار اصل انسان جي صورت ۾ اڀري اچڻو آهي. جنهن ۾ ذات جي سڄائيءَ صورت، ذات جي آسودگيءَ ۽ ذات جي حصول لاءِ انسان جي پنهنجي پاڻ ڏانهن هڪ مڪمل، ڀرپور ۽ ساڃهه ڀري موٽ ٿيڻي آهي. جنهن کي پنهنجي پاڻ ۾ انساني ترقيءَ جي سموري تخليقي تهذيبي ورثي کي سميٽي وٺڻو آهي. اهڙو انساني سماج پوريءَ ريت سڌريل فطرت جي حيثيت ۾ انساني قرب ۽ پيار جو خالق ٿيڻو آهي ۽ پوريءَ ريت سڌريل انساني حيثيت ۾ فطرت جو مالڪ ٿيڻو آهي.

۲۲-۲-۱۹۸۵

— خاڪي جويو

Soorih Mirani

ساڳيهہ اشاعت گهر طرفان ڇپايل بهترين ڪتاب

١. باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي
ترتيب : رڪ سنڌي قيمت: ١٠ روپيہ

٢. انقلابي سپاهي
مصنف: گوبند مالهي قيمت: ١٠ روپيہ

٣. اسان جو لينن
مصنف: مائل مليح آبادي قيمت: ٨ روپيہ

٤. اسان جي سنڌ
ترتيب: وفا آزاد قيمت: ٤ روپيہ

٥. شخصيت جي ويڳاڙپ جو فلسفو
مصنف: سبط حسن قيمت: ٤ روپيہ

هي ڪتاب سنڌ جي هر وڏي بوڪ اسٽال تان ملي سگهن ٿا.

اڪيلائي ۽ اڀاڻڪائي يا ويڳاڻائي نفسيات جو اهڙو هڪ محاورو آهي، جنهن مان شخصيت جي ڀاڄ ڀوڄ ۽ ذات جي زيان ٿيڻ جو انديشو هوندو آهي. يعني اهڙي هڪ ذهني ڪيفيت، جيڪا انسان کي پنهنجي سماج ۽ تهذيب ئي نه پر پنهنجي پاڻ کان به پري ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هو هزارن ۽ لکن ماڻهن جي هجوم ۾ به پاڻ کي، اڪيلو، اوپرو ۽ بي سهارو پيو محسوس ڪندو آهي، کيس آس پاس واريون سموريون شيون پرايون ۽ ويڳاڻيون لڳنديون آهن، جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو هو سمورين سماجي سرگرمين ۽ انساني قدرن کي اڻ ڪارائتو سمجهڻ لڳندو آهي، هن ذهني بيماريءَ جو ڪارڻ، لاچاريءَ ۽ بيوسيءَ جي آکيڙن ۾ پيڙجندڙ احساس هوندو آهي. جنهن وقت، انسان کي هڪ قسم جي ڇڪ ٿي ويندي آهي ته کيس پنهنجيءَ زندگيءَ تي ڪوبه ساڪو حاصل ڪونه آهي، ان ڪري هو نه پنهنجون حالتون سڌاري سگهي ٿو ۽ نه وري سندس ڪنهن عمل سان، دنيا ۾ ڪا هل چل ئي پيدا ٿي سگهي ٿي، اجائي هئڻ جو احساس کيس سماجي قدرن کان ۽ بيوسيءَ جو احساس، کيس پنهنجي ڪردار ۽ عمل جي دنيا کان پري ڪري ڇڏيندا

آهن، ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجيءَ سڄي شخصيت کي لوڙي، وڃائي ڪنهن نه ڪار جو ڪري ڇڏيندو آهي.

ٻي عالمي جنگ کان پوءِ موڙيوار ملڪن، خاص ڪري، آمريڪا ۽ يورپ ۾، هن ذهني بيماريءَ وچڙندڙ مرض جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي. حياتيءَ جي هيٺائيءَ جي هجڻ جو احساس، انسان جي ذات ۽ صفات جو ڪوبه ڪارڊ نه هجڻ، اخلاقي قدرن جي اٿاٿ، ڀورهي کان پري رهڻ واري ڀٽ، انسان جي انسان کان بيزاري ۽ ڀاڄ، قتل، خون ۽ خودڪشيءَ جون وارداتون، جبر، جبر جي ڪاٺ، جو پرچار يا جنسي جانور پڻي جي جبريت ۽ ان کان سواءِ سڄاڻپ ۽ پنهنجائپ جي لڳ لاڳاپن جي ٻيج پروڙ، مطلب ته ذات جي ويڳاڻپ ۽ اوپرائپ جا اڻ ڳڻيا روپ آهن، جيڪي اڄوڪيءَ اولهه جي دنيا ۾ روز مره جا رواج ٿي پيا آهن. هن هيٺ "پاڻ پڻ" واريءَ پيڙا پرستيءَ پرچار، ۽ اڻ ڪارائتي آئيندي جو اظهار يا مقصد کان منهن موڙيندڙ مونجهارن جو مانڊاڻ، هي سڀ ڳالهيون اهڙيون ته آهن جيڪي اڄوڪي اولهه جي ادب، آرٽ، ڊرامي، فلم، چترڪار يا ٻئي هر ڪنهن زندگيءَ جي شعبي ۾ ڇٽيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي رهيون آهن، اهڙن ئي ڪارڻن جي ڪري، اڄوڪي اولهه جي فلاسفين، نفسياتي ڏاهن ۽ سياسي سڄاڻوارين ۾ "مارڪس جي ويڳاڻائيءَ جو فلسفو" جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پنهنجي مڃتا مڃرائيندو پيو وڃي.

چاڪاڻ ته ناڻيوار نظام جي راڄن کي، هاڻي اهو محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته وڳوڙ ۽ انتشار جو ڪارڻ، انسان جو ذهني ڪميڻپڻو نه پر ان جو اصل بنيادي ڏوهاري، لوڀ ۽ لالچ ۾ لوڙهيل سماجي نظام آهي. جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ماڻهپي کان وانجهو ڪري، سندس شخصيت کي ڇيهواڙيون ڪري ڇڏيو آهي.

شخصيت جي هيءَ ڊاهه ڊوهه ۽ ڀڃ ڀروڙ، اصل ۾ تڏهن کان ئي شروع ٿي وئي هئي، جڏهن کان سماج طبقيوار هيٺ مٿاهين ۾ ورهائجي ويو ۽ انساني ايڪي جي ڏونگر ۾ پهريون ڏار پئجي ويو. پر جڏهن اڃان سماج طبقيوار ڌرين ۾ ڪونه ورهايو ويو هو ۽ نه دنيا جي تختي تي بادشاهتن جو وجود هو. تڏهن هر ڪو قبيلو هڪڙي ئي گهر جي ڀاتين وانگر گڏ گذاريندو هو. ماڻهو پوکي لاهي ڪرڻ، ڌڻ ڌارڻ ۽ مڇين جي مارڻ واري گڏيل سماجي دور ۾ ئي رهندا هئا. جنهن جي ڪري سماج پڻ گڏيل ايڪي واري صورت ۾ ئي هوندو هو. اهڙيءَ ريت اهڙي گڏيل سماجي دور ۾، سماج ۽ فرد جي مفادن جي وچ ۾ ڪا به اڻبڻت ڪانه هوندي هئي، ۽ نه وري ڪنهن ديوي، ديوتا يا مذهب جو وجود هوندو هو، انسان جو ڪائنات بابت تصور پنهنجين روزانيءَ جي تجربن واري سمجهه مطابق جڙيل جڙيل هوندو هو. هن کي وڻن ٻوٽن، جبلن يا جانورن ۾ ڪي فرق يا ويڇا ڏسڻ ۾ ڪين ايندا هئا. هو اڻ

جاڻ هوندي به جڏهن وحدت الوجود مڃيندڙ هوندو هو.

پر جيئن جيئن سماج طبقيوار ٿيندو ويو ۽ ورهائبو ويو ۽ بادشاهتون به وجود ۾ اينديون ويون، تئين تئين راجا ۽ رعيتون، حاڪم ۽ محڪوم، مالڪ ۽ ٻانها، وڏا ۽ هيٺا، خاصا ۽ لاسا ۽ ڄام ۽ عام جا ويڇا ۽ ويريون ۽ مٽيپڻ ۽ حد بنديون به قائم ٿينديون ويون ۽ پراڻي سماجي ايڪي جي ڀڃڪڙي به ڪنديون ويون. ۽ ائين ٿي ڏٺو ته ٻٽڙيائي هيٺ متضاد عقيدن ۽ اصولن ۽ وهمن ۽ ويساهن ۾ به ظاهر ٿيندي وئي، جنهنجي ڪري خدا ۽ ڪائنات، خالق ۽ مخلوق ۽ معبود ۽ عابد به الڳ الڳ هستيون وجود ۾ آيون. جن مان هڪڙي هستي ساري جڳ واريءَ جوڙ ڪان، اعليٰ ۽ افضل هڪ پاڻ وهيٺي ۽ "پاڻ ڏاڍي ذات" ٿي پئي، جنهن جي ڪري هن طبقيوار سماجي ٻٽڙيائيءَ يا ثنويت جي عقيدي ڪائنات جي هيڪڙائيءَ ۽ وحدت واري تصور کي، چنبون ۽ ڇهاڙيون ڪري، وجود جي وحدت جي به ڀڃڪڙي آڻي ڇڏي. انسان لاءِ هاڻي سواءِ ان جي ٻي ڪابه واهه ڪانه رهي ته هو خدا جي حڪمن جي پوئواري ڪندو رهي ۽ رب جي راضپي لاءِ نيڪ ۽ چڱا ڪم ڪندو رهي ته جيئن هن جهان جي ڇڏڻ ڪانپوءِ، ٻئي جهان ۾ خدا جي ويجهڙائيءَ جو ڪيس وصال نصيب ٿئي، پر جيئن ته هيءَ ويجهڙائي يا قريب ڪڏهن به وحدت جي وصال ۾ بدلجڻ واري ڪانه هئي. ان ڪري

مخلوق پنهنجي خالق جي حصيداريءَ ۾ نه ڪڏهن شريڪ ٿي سگهي ٿي ۽ نه پاڻ خدا ٿي پئي سگهي. جيتوڻيڪ سندس اندر جو آواز اهوئي هو ته:-

”ٻڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو لهين،
اڳ ۾ هئاسون گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.“

(شاهه)

اهوئي سبب آهي، جو هن پيائي يا ثنويت جي نظرياتي فلسفي کي، صوفين وٽ ڪڏهن به ڪا ججتا ملي ڪانه سگهي، ۽ هو وحدت الوجود جي عقيدي ۽ اصول جي پوريءَ ريت پيروي ئي ڪندا ٿي رهيا. سندن چوڻ هو ته خدا جڏهن ته عرش توڙي فرش جو خود آهي ۽ اسان کي اسان جي منهن ڪان به نزديڪ يا ويجهڙو آهي ته پوءِ ان کي پاڻ ڪان يا هن ڪائنات ڪان الڳ ۽ ڌار ڇو سمجهيو وڃي، ڇو ته! هرهڪ شي خدا جو جلوو بلڪ خدا آهي.

”وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل،
هو ملا چو مل، ٻيا الله سندو سڄڻين.“

(شاهه)

خدا ڪائنات جي ذري پرزي ۾ موجود آهي ۽ ان جي وجود ڪانسواءِ ڪابه شي موجود ڪانه (لاموجود الله) آهي، بلڪ هرڪا شي خود خدا آهي، منصور

وارو انا الحق جو نعره، انهيءَ ديڪڙائيءَ جي دل جو اقرار آهي، جيڪڏهن هيڪڙائيءَ جي هل يا حق کان جدائي ٿئي به ٿي ته اها عارضي ۽ وقتي سمجهڻ گهرجي ڇو ته انسان پنهنجي نفس سان ويڙهاند ڪري، "حق سان هڪ" يا فنا افي الله ٿي سگهي ٿو، وصل ۽ فنا جي فلسفي جو مقصد اهوئي آهي، جنهن موجب: "هئڻ ۽ نه هئڻ" فنا ۽ بقا، اندر ۽ ٻاهر، امير ۽ فقير، شادي ۽ بيواهه، زاهد ۽ زاني يا مومن ۽ ملحد جو ويڇو يا فرق خيال جي پورائيءَ تائين ڪائي حيثيت ڪانه ٿو رکي، بلڪ "آئون ۽ تون" واري وڇوٽي به شڪ ۾ شمار ٿي وڃي ٿو.

ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڏاڪن تي وينل ڏريون، هن انقلابي فلسفي جي سياسي ۽ سماجي رازن ۽ رمزن کان پوريءَ ريت واقف هيون، جنهنجي ڪري ئي، وحدت الوجود جو عقيدو تخت ڏٿين جي تاج سان لاڳاپيل ۽ حاڪمن جي هنجن ۾ وينل، ڌرم جي ڏڪڙ بازن ۾ ڪڏهن به پنهنجي جاءِ جوڙي نه سگهيو. پر ان جي ابتڙ وحدت الوجودي فڪر جي پرچار ڪن تي، سدائين ڏاڍ ـ ڏٿي ڏسريل رهيا ٿي، جيتوڻيڪ هندي، سنڌي، فارسي، اردو، پنجابي، ۽ پشتو (سرائڪي به) شاعريءَ جو سڀ کان وڏيڪ وڻندڙ موضوع وحدت الوجود جو فلسفو ئي رهيو آهي، ان ڪري ڀڳتي تحريڪ ڪانسواءِ اسان جو شايد ئي ڪو شاعر اهڙو هجي، جنهنجو ڪلام

وحدت الوجود جي ساراهہ يا ثنا خوانيءَ سان ڀرپور نہ هجي. ايتري قدر جو ڪيئن اهڙا شاعر بہ ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي پوري چمار هيڪڙائيءَ جي هل جون ڪافيون ۽ ڪلام ڳائيندي ۽ وڄائيندي گذاري آهي.

يورپ ارڙهين صديءَ ۾، جيئن ئي سائنسي طور تي اڳتي وڌي آيو تہ، صدين جي لڪل ۽ ڳجهين ڳالهين تان پڻ رئو ۽ لٿ لهڻ لڳو ۽ خدا ۽ ڪائنات ۽ انسان جي وچ وارن لاڳاپن تي بہ غور ويچار ٿيڻ لڳو. جنهن وقت، ماديت پسندن تہ ان سموريءَ دليبازيءَ کي اهو چئي رد ڪري ڇڏيو، تہ ڪائنات ۽ ان ۾ انسان سميت سمورا وجود مادي ئي جون مختلف صورتون آهن جيڪي مادي جي چرندڙ پرندڙ يا ڦرندڙ گهرندڙ قانونن جي تابع آهن، ۽ مادي جي هن چر پر يا تحريڪ ۾ نہ ڪنهن اڻ ڏٺيءَ سگهہ جو دخل آهي ۽ نہ ڪنهن اهڙيءَ هستيءَ جو ڪو وجود ئي موجود آهي، پر مايا وار يا تصوري مفڪر اهڙين دعوائن جي ميڃڻ وارا ئي ڪونہ هئا، ان ڪري هيءُ منجهائيندڙ مسئلو دٿ اچي بيٺو تہ انسان، "پاڻ سڃاڻڻ" جون مرحليوار منزلون طئي ڪري، "خود خدا" ٿي بہ سگهي ٿو، يا نہ؟

جرمنيءَ ۾ هن سوال کي، سڀ کان پهرين گوئٽي پنهنجي دٿ ۾ ڪنيو ۽ پنهنجي جڳہ مشهور ڊرامي "فائوسٽ" جي مرڪزي ڪردار جي ذريعي، ان ڳوڙهيءَ

ڳنڍ جي کولڻ جي ڪوشش ڪئي "فائوسٽ" جيڪو هڪڙو وڏو عالم ۽ فاضل انسان هوندو آهي، ۽ خدا وانگر "لاحد" يا "عقل ڪل" ٿيڻ چاهيندو آهي پر ان ۾ هو ناڪام ويندو آهي. چو ته ته، خدا ۽ انسان جي وچ ۾ هڪڙو بي انت بحر آهي، جيڪو ويچاري انسان جي ياد ڪرڻ جوئي ڪونهي.

ڪانٽ، جيتوڻيڪ گوئٽي جي ئي خيال جو هو پر تنهن هوندي به هو هڪ وچٿري واٽ ڳولي لهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. سندس خيال مطابق انسان ۾ اڌ اوصاف الوهي يا خدائي آهن ۽ اڌ بشري يا انساني آهن، ان ڪري انسان جو اڌ پاليندڙ يا سماوي آهي ۽ اڌ جاليندڙ يا سفلي آهي. يعني سندس شخصيت ٻن وجود ۾ ورهايل آهي، جنهن جي ڪري اندوهاڪارو يا مڪمل ۽ ٻاهر ناڪارو يا نامڪمل آهي. اهوئي سبب آهي، جو هاڪاري ڪي ناڪارو اوپرو ۽ ويڳاڻو ٿو نظر اچي، ڪانٽ وارو انسان جيسين جيئرو رهندو آهي، تيسين پنهنجي ئي پاڻ سان وڙهندو رهندو آهي. پر ان ۾ ڪامياب ٿي ڪونه سگهندو آهي. ڪانٽ جي هن اندروني ۽ ويڙهاند جو هڪڙو ئي حل يا نبيرو ٿي سگهي ٿو، اهو هيءُ ته انسان پنهنجن اخلاقن جي اوکه ڏوکه به ڪندو رهي ته "ڀائيڻ" جو پورائو به ڪندو رهي. هڪ بي پهچ يا بيوس انسان لاءِ نڪا واهه آهي نه وسيلو آهي. سواءِ ان جي ته هو اول کان آخر تائين

پنهنجيءَ اخلاقي، پورائيءَ واريءَ ناڪاريت کان هاڪاريت تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي پاڻ سان وڙهندو ئي رهي.

هيگل، ڪانٽ جي هن اندروني ٻهائيءَ يا ٿنويت جي نظريه کي نٿو مڃي ته ڪو ”خدا انسان جي ذات کان الڳ ٻاهرين هستي آهي، پر سندس خيال آهي ته خدا انسان جي پنهنجي وجود جي اندر ئي موجود آهي.

”پاڻ ئي جل جلاله، پاڻ ئي جان جمال،
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي، پاڻ ئي حسن ڪمال.“
(شاهه)

هيگل جي خيال ۾ تاريخ جي تسلسل دوران، انساني ذهن جي ارتقا ۽ ترقي، ”ذات جي شعور“ ڏانهن، خدا جو لاڳيتو يا مسلسل سفر آهي. هو چوي ٿو ته، فطرت ۽ انسان، روح جا ٻه رخ يا ريلا آهن، ان ڪري فطرت اهو روح آهي، جنهن کي پنهنجي روح جي هجڻ جو شعور ڪونهي، پر ان جي ڀيٽ ۾ انسان، اهو روح آهي، جيڪو انساني شعور جي سرگرميءَ ۾ رڌل آهي. اهڙي طرح غير شعوري فطرت ۽ شعوري انسان، هر گهڙيءَ هڪ ٻئي سان ڇاپو ٽيل آهن. هن صورت حال کي وجود جي ذات جي ويڳاڻپ چئو وجي ٿو، پر عقل مت ۽ شعور جي ذريعي، ان وجود يا ذات جي ويڳاڻپ تي سوڀ حاصل ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته ڪائنات جو

خيال آهي تہ وجود يا ذات جي ويڳاڻپ جو ڪارڻ، انسان جو آلوهي ۽ بشري ڀاڱن ۾ ورهائجي وڃڻ ۽ پنهنجو پاڻ سان وڙهندو رهڻ آهي، پر هيگل جو چوڻ آهي تہ روح، غير شعوري فطرت ۽ شعوري انسان جي وچ ۾ ورهايل آهي. جيڪي ٽيئي پاڻ ۾ زور آزمائي ڪندا رهن ٿا.

فيور باغ هيگل جي فلسفي واريءَ دعوا کي رد ڪندي لکي ٿو تہ! "انسان پنهنجيءَ ذات جي ويڳاڻيءَ ڪيفيت ۾ خدا ڪونهي، پر خدا پنهنجيءَ ذات جي ويڳاڻيءَ ڪيفيت ۾ انسان آهي." ان ڪري انسان جي ذات جي ويڳاڻپ جو ڪارڻ ئي اهو آهي، جو انسان، پنهنجن انساني يا بشري خوبين کي خاص طور تي خالقهار خوبين کي خدائي قوتن ڏي منتقل ڪري ڇڏيو آهي، ۽ پاڻ اباڻڪو، اڪيلو ۽ ويڳاڻو ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ خلقهار سرگرمي، جيڪا پنهنجي راضپي ۽ خوشيءَ سان ڪئي وڃي ٿي، سا ڏاڍي وڻندڙ هجي ٿي— جوڙڻ ۽ خلقڻ جي خوبي، خدائي خوبي آهي، ان ڪري ان خوبيءَ کي بنا ڪنهن هڪ جي خدا ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ تخليقي عمل جي دوران، انسان پاڻ کي آزاد، اجو ۽ سرهو محسوس ڪندو آهي، پر سرگرميءَ کان سواءِ گهٽيل، ٻوساٽيل ۽ ڏڪايل ٿي پوندو آهي. هونءَ بہ عمل انسان جي شخصيت جو هاڪاري احساس آهي. مثلا:- ڪتاب پڙهڻ جيتوڻيڪ وندرائيندڙ عمل آهي

پر پڙهڻ جهڙي ڪتاب ڪسي تخليق ڪرڻ، ان ڪان وڌيڪ وڏندڙ عمل آهي، فيور باخ جي خيال مطابق، انسان جي ويڳاڏپ جو ڪارڻ ئي اهو آهي، جو هو پنهنجيءَ ذات جي جوهر يا ”سرجيندڙ سگهه“ کي ڪنهن الهام يا وجدان جهڙيءَ غيبي طاقت جي حوالي ڪري ڇڏي ٿو، ۽ پنهنجي خلقڻهار خاصيت کان انڪاري ٿئي ٿو، ان ڪري ان جو تدارڪ به اهوئي ٿيندو ته انسان، پنهنجيءَ ان ”سرجيندڙ سگهه“ يا ذات جي جوهر کي پنهنجي پاڻ وٽ ئي هٿيڪو ڪري رکي ۽ هيگل جيان خدا ٿيڻ جي بدران انسان ٿيڻ جي ڪوشش ڪري.

ڪارل مارڪس پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي مقالي جي لکڻ وارن ڏينهن ۾ ئي هن نتيجي تي پهچي چڪو هو ته هيءُ ”موڙيوار سماج“ ”ماڻهپي جي مڃتا“ يا ”ذات جي حصول“ جي لاءِ ڪنهن به صورت ۾ سازگار ٿي نٿو سگهي، ان ڪري ان کي هر حالت ۾ بدلجڻ ئي گهرجي. ننهن هوندي به ”ماڻهپي جي مڃتا يا ذات جي حصول“ جي راهه ۾ رڪاوٽون ڪهڙيون آهن ۽ انهن کي ڪيئن هٽائي يا دور ڪري ٿو سگهجي، ان جو ان وقت تائين ڪو واضح يا چٽو فيصلو سندس سامهون اجي ڪونه سگهيو هئو. پر جيئن ته هيگل جي ”فلسفئه حق“ يا يهودين واري مسئلي تي، جيڪي مضمون پاڻ پنهنجن ساهرن ۾ ويهي لکيا هئائين، تن مان پتو پوي ٿو ته ڪيس پڙهس وڃڻ کان اڳ ئي ”وجود جي ويڳاڏپ“

[جيڪا "ذات جي حصول" جي انڪاري آهي، جي ڪارڻن ۽ ڪارڻن جا پروٽ پئجي ويا هئا. جيئن پهرين عرض ٿي چڪو آهي ته سندس اقتصاديات توڙي فلسفي تي لکيل خطن جو مرڪزي خيال "ذات جي ويڳاڻپ" جوئي مسئلو آهي، جنهن ۾ هن "ذات جي ويڳاڻائيءَ" جي مسئلي يا سوال تي، سرمائيدار سماج جي حوالي سان ئي دليلبازي ڪئي آهي، ۽ وحدت الوجود وانگر سندس پڻ ساڳي راءِ آهي ته ڪائنات هڪ اڻ ڇپندڙ هيڪڙائيءَ وارو وجود آهي، ۽ انسان انهيءَ هيڪڙائيءَ ئي جو ناميياتي حصو آهي.

مارڪس انسان ۽ ڪائنات جي ڳانڍاپي تي ڳالهائيندي لکي ٿو ته، فطرت انسان جو اڻ گهڙيل يا ناميياتي جسماني وجود آهي.

"انسان، غير ناميياتي، فطرت جي سهاري جئي ٿو، نظرياتي اعتبار کان پوئتا، جانور، معدنيات، يا هوا ۽ اس وغيره فطرتي، سائنس ۽ آرٽ جي طور تي، ٻاهرين صورت ۾، انساني شعور جا ڪرڻا يا جزا آهن جيڪي انسان جي، غير ناميياتي، روحاني فطرت ۽ زندگيءَ جا ذهني وسيلا آهن، اهوئي ڪارڻ آهي، جو انسان پنهنجي عمل جي زندگيءَ ۾ ان ٻاهرئين قدرتي ماحول جي ذريعي ئي کاڌي، ڪپڙي، گهر ۽ سرگرميءَ جي صورت ۾ جيئندو آهي، عمل جي دنيا ۾ انساني آفاقيت، انهيءَ

آفاقيت جو روپ وٺندي آهي، جيڪا پوريءَ ڪائنات
کي سندس غير نامياتي، جسماني وجود ڏاهي ڏيندي آهي.
”انسان فطرت جي سهاري جيئي ٿو“، ان جي مراد پڻ
اها ئي ڏيندي ته: فطرت انسان جو جسماني وجود آهي.
۽ ان ڪري جيڪڏهن هو جيئڻ چاهي ٿو ته پوءِ کيس
گهرجي ته ان جسماني وجود سان لاڳيتو لاڳاپي ۾
۾ وجهندو اچي.“ (مخطوطا طم ص ١٠-١٠١)

هن فطرتي هستيءَ يعني انسان کي، جيڪا خاصيت
يا وصف جيءَ سڄي جيوءَ ڏاريءَ کان مٿيرو ڪري
بيهاري ٿي، سا آهي، سندس ارادي سمجهه واري سرگرمي
۽ پورهيي جي پيداوار— يعني جانورن وانگر سندس زندگي،
پاڻ تائين [کاڌو، پيتو آرام ۽ نسل جي واڌ] پوري
ڪانهي. پر ان جي ابتڙ هو پنهنجي واڌاري، سڌاري ۽
ترقيءَ جي لاءِ وڙهندو ۽ وڌندو به رهندو آهي، جنهن
جي ڪري ئي هو هڪڙي اهڙي ته ”جڳ جوڙيندڙ
سگهه“ ٿي پيو آهي، جو اها سندس ”جڳ جوڙيندڙ
سگهه“ تاريخي طور تي، ساريءَ دنيا جو خلقڻهار عمل
ٿي پئي آهي هن خلقڻهار عمل جي ڪري هو ڪيئي
مادي توڙي غير مادي جوڙون جوڙيندو رهي ٿو. مذهب
خاندان، قانون ۽ آرٽ يا سائنس جيڪڏهن غير مادي
جوڙون نه آهن، ته فيڪٽريون، ڪارخانا ۽ انهن جون
مشينون خلقڻهار خاصيت جا مادي مورچا آهي. جيڪي
انسان جي هٿن، ڪنن ۽ دماغ جي پيداوار جا پرتوا يا

طبعي وسعتون آهن. ٻورن لفظن ۾ پيداوار جي واڌاري ۽ وسعت جي تاريخ آهي." انسان، جيڪي ڪجهه شيون پيدا ڪري ٿو، سي اندروني ۽ ٻيروني طور تي، جسماني وجود رکنديون آهن. ان ڪري شين جي پيدا ڪرڻ ۾ جيڪا سگهه يا پورهيو، ڪتب ايندو آهي، سو پورهيي جو ٻاهريون روپ وٺندو آهي، ۽ وقت جي گذرندي، اهي روپ يا صورتون انسان جي ٻاهرين ماحول جون صورتون ٿي وينديون آهن جيڪي ر گو قدرتي ماحول تي اثرانداز ڪونه ٿينديون آهن، پر هوريان هوريان ان تي حاوي به ٿينديون وينديون آهن.

ناٽيوار نظام ۾ انسان، جيئن جيئن آسپاس جي ماحول تي نظرون وجهندو ويندو آهي، تيئن تيئن اهي سموريون شيون، جن جو هو پاڻ جوڙيندڙ هوندو آهي، ڪيس پرايون ۽ ويڳاڻيون نظر اينديون آهن، جنهن جي ڪري ڪيس لڳندو ائين آهي، ڄڻ سندس هٿن جي جوڙيل جوڙ به هن جي پنهنجي ڪانه آهي.

مارڪس جو چوڻ آهي ته: "ويڳاڻپ جو نظام" ناٽيوار نظام جي پيداوار آهي، ڇو ته: ذاتي ملڪيت ۽ ذاتي ڪمائي، ۽ زر ۽ زمين جي هڪ ٻئي کان پري رهڻ واري صورت يا مٿاهين ۽ ڇتاهين يا مٿ ۔ ڀيڙ ۽ "هڪ ٻئي" "ويڳاڻي وجود" جون خالق آهن، جيڪي ناٽيوار نظام تي ٻڌل آهن.

جيتوڻيڪ سمجهه ڀري سرگرمي ۽ پورهيي جي پٺوڙ

انسان جي رڳ، رڳ، ۽ سنڌ سنڌ ۾ سمايل آهي، پر سرمائيدار سماج جي خاص خاصيت هيءَ آهي جو، ان ۾ سموريون ڪم ڪاريون، فيڪٽريون، ڪارخانن، موڙيوار منڊين ۽ واپاري پيڙهين ۾ ٿينديون رهنديون آهن، اهڙي ريت پوريءَ پيداوار جي پيڙهه — پورهيت ماڻهوئي هوندا آهن، جنهن لاءِ مارڪس چوي ٿو ته، اسان پنهنجيءَ ڇنڊڇاڻ جي شروعات ڪنهن هٿ ٺوڪئي انساني وجود سان نه پر اڄوڪي دور جي اقتصادي حقيقتن کي آڏو رکي، پوءِ ڪنداسون، جنهن موجب اڄوڪي دور جي سڀ کان وڏي ۽ اهم اقتصادي حقيقت هيءَ آهي ته پورهيت پنهنجي ڪم يعني، سرجڻهار سرگرميءَ جي دوران جيڪي جوڙون جوڙي ٿو، انهن کان هو بيحد بيگانگي، يا اوپرائپ محسوس ڪري ٿو، پر ڳالهه رڳو اتي به پوري ڪانه ٿي ٿئي، ان ڪري اوپرائپ جو اهو احساس وڌي وڃي ٿو، رڳو اڄوڪي انسان کي پنهنجي انسانن کان نه پر سندس ”سرجڻهار سگهه“ کان پري ڪري ڇڏي ٿو.

مارڪس ويڳاڻائيءَ جي فلسفي جي سمجهاڻي ڏيندي، ان جو آغاز پيداوار عمل سان ڪري ٿو ۽ چوي ٿو ته: اڪيلائيءَ جو احساس پيداواري پتوڙ ۾ ئي پيدا ٿي وڃي ٿو. جو ته ناٿيوار سماجي نظام ۾ پيداواري پتوڙ، ”پاڻمرادي پتوڙ“ [يعني عمل جي اڪيلائي ۽ اڪيلائيءَ جو عمل] ٿيندي آهي. جنهن ڪري پورهيت

جو پوڙهپي ۽ پنوڙ سان، وڇوڙي ۽ ويراڳ وارو لاڳاپو ٿي پوندو آهي.

پوڙهپو، پوڙهيت جي وجود کان ٻي اوپرو وجود ٿي پوندو آهي. يعني پوڙهپو پوڙهيت جي وجود جي پرورش نه پر موڙي جي مالڪ جي مان ۽ مرتبي ۾ واڌ آڻيندو آهي، جنهن جي ڪري پوڙهيت ڪم ڪندي پنهنجي وجود جو اقراري نه پر انڪاري هوندو آهي، ۽ آسودگيءَ جي بجاءِ اداسي ۽ اڪيلائي محسوس ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو هو پنهنجي جسماني ۽ ذهني سگهه ۽ توانائيءَ کي آزاديءَ سان اوسر يا ترقي ڏيڻ جي بدران پنهنجي جسم جي ٻاڦ ۽ ذهن جي زيان خوري ڪندو رهندو آهي. جنهنجو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو پوڙهيت جيئن ئي پوڙهپي کان پري ٿيندو آهي تيئن ئي پنهنجي پاڻ ۾ اچي ويندو آهي، پر پوڙهپي ڪندي، پنهنجي پاڻ کان ئي پري رهندو آهي، هو جيترو وقت واندو هوندو آهي، آرام ۽ سڪون محسوس ڪندو آهي، پر جيئن ئي ڪم تي چڙهندو آهي ته بي آرامي ۽ بيچيني محسوس ڪندو آهي. چو ته سندس پوڙهپو سندس مرضيءَ وارو نه پر زور ۽ زبردستيءَ وارو هوندو آهي، جنهن مان کيس اهڙس ڏيندڙ ڪنهن به قسم جي آرام جو پورائو ٿي نه سگهندو آهي، ان جي ابتڙ اهو سڀ ڪجهه سندس پاهرين ۽ ويڳاڻين گهرجن جي پورائيءَ جو رڳو هڪڙو ذريعو ٿي پوندو آهي، پوڙهپي جو

"ويڳاڻو وجود" انهيءَ ڳالهه مان ظاهر ٿي پوندو آهي جو جيڪڏهن پورهيت کي لاچاري يا مجبوري نه هجي ته جيڪر هو پورهئي کان "ائين ڀڄون وڃي، جيئن ڪانءُ ڪمان کان." (مخطوطات ص ٩٨)

پورهئي جي ويڳاڻائيءَ کي، وجود جي ويڳاڻائي ڪوٺيندي، مارڪس چوي ٿو ته: انهيءَ جا نتيجا به ڏاڍا ڌاڄيڪار ۽ نقصانڪار آهن، ڇو ته: اهڙيءَ طرح انسان، پنهنجيءَ انسانيت تان ئي هٿ ڌوئي ويهندو آهي ۽ رڳو حيواني عمل — يعني کائڻ، پيئڻ ۽ ٻار ڄڻ يا گهٽ گهٽ ته گهريلو سرگرمين ۾ ئي پاڻ کي، پاڻ وهيڻو يا آزاد سمجهندو آهي، پر انساني عمل يعني پيداواري پتوڙ ۾ منڊس شخصيت سسندي، سڪندي ۽ سوڙهي ٿيندي ويندي آهي، تان جو هو حيواني حدن کي اچي ويجهو پوندو آهي ۽ نتيجي ۾ "جانور نما انسان ۽ انسان نما جانور ٿي پوندو آهي.

اها ٻي ڳالهه آهي ته سرمائيداريءَ کان اڳ به هاري ڪاريگر ۽ ٻيا پورهيت پيداواري عمل ۾ پوريءَ ريت پاڻ وهيڻا يا آزاد ڪونه هوندا هئا. پر اڄوڪي دور ۾ ته اها هيڻائي يا بيوسي پنهنجي ڇيهه کي پهتل آهي.

"آڏاڻن يا دڪاڻن يا ٻين دستي هنرن ۾ پورهيت ڪنهن اوزار يا هٿيار کي ڪتب آڻيندو آهي پر فيڪٽرين ڪارخانن ۽ ملن ۾ پورهيت کي ڪتب آندو ويندو آهي دستي هنرن ۾ پورهئي جي اوزارن کي، پورهيت

ئي چرپر ۾ آڻيندو آهي، پر فيڪٽرين يا ڪارخانن ۾ پورهيت کي مشين جي چرپر جي پابندي ڪرڻي پوندي آهي. ننڍڙن ننڍڙن دڪانن يا ڪارخانن ۾ پورهيت، هڪ جيئريءَ جاڳنديءَ مشينريءَ جو حصو هوندو آهي. جڏهن ته فيڪٽرين واري مشينريءَ جي سستي ۽ بيساهي هوندي آهي. جيڪا پورهيت جي وجود کان، ڌار پاڻ وهيڻو وجود رکندي آهي ۽ پورهيت ان مشينريءَ جو رڳو پڇ لٽڪائو ٿي پوندو آهي." مخطوطات ص ۵۱.

نائيواد نظام ۾ مشين جي واڌاري ۽ سڌاري سان گڏ، پيداوار جي واڌاري ۽ سڌاري جي ٻڻ ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ان ڪري نت نئون "پاڻ وهيٽيون" مشينون ۽ جديد کان جديد تر اوزارن جون ايجادون ٿينديون رهنديون آهن، جنهن جو نتيجو هيءُ ٿو نڪري جو پورهيت جي يڪتايت ۽ انفراديت ختم ٿي وڃي ٿي ۽ هو مشينن جو ئي هڪڙو پرزو ٿي پوندو آهي.

"پورهئي جي سماجي پيداوار جي واڌاري ۽ سڌاري جا سمورا طريقا، پورهئي ڪندڙ ماڻهن جي ڪاپاري تي ٻڌل هوندا آهن، جنهن ڪري پيداواري واڌاري جا وسيلا، پيداواري قوتن کي قبضي ۾ ڪرڻ وارين ڪوڙڪن ۾ بدلجي ويندا آهن، جيڪي پورهيت جي شخصيت کي ٽوڙي مروڙي ڪيس "اڻ انسان" بنائي ڇڏيندا آهن، ۽ پورهئي مان سموريءَ سونهن کي ڪڍي، ان کي ڏڪار جوڳيءَ بيگر ۾ بدلائي ڇڏيندا آهن." مخطوطات ص ۵۲

آمريڪا ۾ پڻ مغربي يورپ جي ملڪن جي وڏين وڏين فيڪٽرن ۽ ملن ۾ پورهيي جي هن اڻوڻندڙ هڪجهڙائي اڪيلهه گهٽتيءَ جو گڏيي صورتحال پيدا ڪري وڌي آهي، آهي، ڇاڪاڻ جو هن هڪجهڙائيءَ واري ماحول جو سڌو سنئون اثر پورهيت ماڻهن جي ٻنڌين يا اعصابن تي پئجي رهيو آهي. هن صورتحال کان ڪڪ ٿي پورهيت پورهيي کان ئي پــري رهڻ چاهيندا آهن، يا ماحول ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ڪرڻ لاءِ ڪڏهن مشينن جي ڪلن ۾ پرزن کي ڀڃي ڇڏين ٿا، ته ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ڦٽيو ۽ زخمي ڪريو وجهن ٿا، ته ڪڏهن جهيڙن، جهڳڙن ۽ فسادن ۾ ئي پورا هوندا آهن. يا وري ڪم ڇڏي هليا ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهو غير حاضري وارو انگ پنجويهه ٽيهه سيڪڙي کي وڃي پهچندو آهي، جنهن لاءِ ملن يا فيڪٽرين جي انتظام سنڀاليندڙن کي من پرچائيندڙ ماحول پيدا ڪرڻ جا هٽرادو طريقا يا حربا اختيار ڪرڻا پوندا آهن. جيئن ته لائوڊ اسپيڪرن جي ذريعي پورهيتن جي پسند جي ڪلامن جا رڪارڊ وغيره وڄايا ويندا آهن. يا وقت جي پابنديءَ ۽ ڪم جي ڪارڪردگي جي سڌاري يا واڌاري تي انعام اڪرام ۽ بونس وغيره آڇيندا آهن. پورهيت طبقي جي بوريت ۽ بيزاري پوءِ به گهٽ ڪانه ٿيندي آهي.“

اهڙي ريت پيداواري قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن جو جيڪڏهن جائزو وٺبو ته ويڳاڻپ جو ديو، هتي پڻ هانءَ

تي چڙهيل ئي نظر ايندو، جيڪا ڳالهه اڻ ٽين جهڙي ٻه ڪانه آهي، ڇاڪاڻ ته: جڏهن پيداواري پٽوڙ يا عمل ويڳاڻائي ڪان واندو ڪونهي ته پوءِ پيداوار ان ڪان پاڻ ڪهڙي ريت بچائي سگهندي.

مارڪس جو چوڻ آهي ته: جيئن جيئن پيداوار جي مقدار ۽ حاڪم حاڪمن جي طاقت جي توازن ۾ اضافو ايندو ويندو آهي تيئن تيئن پورهيت جي غربت، افلاس ۽ ڪنگالپڻي ۾ واڌارو ٿيندو ويندو آهي، جيئن جيئن پورهيت وڌيڪ شيون پيدا ڪندو ويندو آهي، بازاري جنسن جيان تيئن تيئن هو پاڻ سستو ٿيندو ويندو آهي. يعني ماڻهوءَ جي ماڻهپي جو ملهه يا قدر ٻه سڌو سنوانئو انهيءَ حساب سان گهٽجندو ويندو آهي، جنهن حساب سان شين جي ملهه يا قدر ۾ واڌ ايندي ويندي آهي، ٿورن لفظن ۾ انساني زندگي سستي ۽ شيون مهانگيون ٿينديون وينديون آهن، نتيجو اهو نڪرندو آهي، جو جوڙيندڙ جي جوڙ، جوڙيندڙ جي سامهون ٿي پوندي آهي، ۽ هو پنهنجي ئي جوڙيل جوڙ جي اڳيان هٿ جوڙي بيهي رهندو آهي.

"پورهيت جيترو وڌيڪ پورهيو ڪندو ويندو آهي، يا سندس ٻاهرين جوڙيل جوڙ يا دنيا، جيتري سگهاري ٿيندي ويندي آهي، پورهيت جي ذات ۽ سندس باطني دنيا ٻه ايتري ئي مفلس ۽ ڪنگال ٿيندي ويندي آهي. پورهيت پيداوار ۾ پنهنجو پاڻ پورو ڪري ڇڏيندو آهي.

پر پنهنجو پاڻ به سندس پنهنجي ملڪيت ڪونه هوندو آهي. بلڪ پيداوار جي ملڪيت ٿي ويندو آهي. پيداوار جيئن جيئن وڌندي ويندي آهي، صنعتڪار جي معروضي محرومي به وڌ ويڙهيءَ وانگر ڪيس تيئن تيئن وڪوڙي ويندي آهي، جيڪي ڪجهه سندس پورهيي جي پيداوار هوندي آهي، اهو سڀ ڪجهه هو پاڻ نه هوندو آهي مطلب ته پورهيت جيئن جيئن جڳ کي جوڙيندو ويندو آهي تيئن تيئن سندس ذاتي وجود وسامندو ويندو آهي."

صنعتي پيداوار جي واڌ سان، پورهيت جي ذاتي زندگي جيتري ئي گهٽجي ويندي آهي، سرمائي جي سگهه ۽ ساک ۾ ايتري ئي واڌ ايندي آهي. پورهيت کي نه ته پيداوار جي طريقن، مقرر ڪرڻ جو حق هوندو آهي، ۽ نه پورهيي جي حالت، جڳهه يا پيداوار جي ورهاست وغيره ۾ ئي ڪو دخل عمل هوندو آهي. بلڪ کيس پنهنجي زندگي به پيداوار جي تقاضائن مطابق ئي بيهارڻي پوندي آهي. سندس زندگيءَ جو فيصلو پيداوار ڪندي آهي، نه هو پيداوار جو فيصلو ڪندو آهي. پيداوار حاڪم ۽ هو محڪوم هوندو آهي. پيداوار مالڪ ۽ هو ان جو غلام هوندو آهي. يعني مرده جيئرن تي راڄ ڪندا آهن، خالق ۽ مخلوق جي هن آبتي اصول تي ٽيڪا ٽپي ڪندي مارڪس لکي ٿو ته:

"پورهيت پيداوار کي استعمال نه ڪندو آهي پر پيداوار جا وسيلا کيس ڪتب آڻيندا آهن، جيتوڻيڪ

ٽيڻ تہ اهو گهرجي جو پيداوار جا وسيلا پورهيت جي سرجڻهار سرگرمي يا خلقڻهار عمل جا مادي مددگار هٿيار ٿي، ڪتب اچڻ پر الٽو اهي ڪيس پنهنجيءَ زندگيءَ جو ڀاڱو بنائيندا آهن. نہ رڳو اهو پر ڀٺيون ۽ فيڪٽريون جيڪي رات جي وڳڙي ۾ بيڪار بيٺيون هونديون آهن، ۽ ڪنهن بہ قسم جي واڌو (جمع ٿيندڙ) پورهيي کي جنم نہ ڏينديون آهن، سي پڻ موڙيءَ جي مالڪ لاءِ نفعي جي بدران نقصان جو ڪارڻ هونديون آهن، آن ڪري ڀٺين يا فيڪٽرين لاءِ اهو قانوني جواز هوندو آهي تہ آهي پورهيتن کان رات ڏينهن ڪم ڪرائينديون رهن." سرمايو (جلد اول ص ۳۰۰)

ڪارل مارڪس صنعتي پيداوار جي حاڪميت جو اج کان سوا سؤ سال اڳ ذڪر ڪيو هو، ان وچ ۾ پيداوار ۽ پيداوار جي طريقن، تمام تکڙي ترقي ڪئي آهي، انسان پنهنجيءَ جوڙيل جوڙ جي اڳيان ائين هٿ جوڙ ڪري ڪانہ ڪئي هئي، جيئن اڄوڪي دور ۾ ڪري رهيو آهي، بازاري شين جي خريداريءَ ۽ وڪري باقائدي طور تي فن جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي، "خريد ڪريو، ۽ دل کولي خريد ڪريو"، "خرچ ڪريو، ۽ دل کولي خرچ ڪريو." سماجي ماپا ماڻ ۽ قدر بنجي ويا آهن، جو تہ: جيتريون وڌيڪ شيون وڪرو ٿينديون، اوترو ئي وڌيڪ موڙيءَ جي مالڪ کي، منافعو ملندو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سرمائيدار

سماج ۾ ريڊيو، ٽي وي، سئنيما، اخبار ۽ ٻئي هرقسم جي
پرچار ۽ ڍنڍوري جي ذريعي هٿ ڏوڪين ضرورتن، ۽
گهرجن کي پيدا ڪري ماڻهن جي مزاج يا منورتين
کي هٿ ۾ ڪرڻ جي انيڪ قسم جي نت نون ڍنگن
۽ ترڪيبن کي تلاش ڪيو پيو ويندو آهي. جنهن
مطابق هرسال نئين سر نوان فيشن ايندا رهن ٿا، جيڪي
ماڻهن کي پنهنجي پوشواري ڪرڻ لاءِ هرڪائيندا ۽ مجبور
ڪندا رهندا آهن، لباس، فرنيچر، موٽر، آرائش ۽ زيبائش
جو چهڪيدار سامان، هڪ سال کان ٻئي سال بدلجي
ويندو آهي، اڳي ۾ پٿر جي بتن جي پوڄا مندرن ۾
ٿيندي هئي ۽ هاڻ بازار جو هر دڪان بت پرستيءَ جو
اڏو آهي ۽ خريداريءَ جي خيالي نانگ جو ڪاڏل ماڻهو
رات ڏينهن ذهن جي صورت ۾، ڪڏهن ڪنهن بت جي
اڳيان ٻانهون ٻڌيو بيٺا آهن ته ڪڏهن ڪنهن بت
جي آڏو هٿ جوڙيندا رهن ٿا. اسان جي گهڻ ۾ گهڻ
سموري حياتي خاص ڪري شهرن ۾، پنهنجين ئي جوڙيل
جوڙن جي اڳيان هٿ جوڙيندي ۽ ٻانهون ٻڌندي گذرندي
آهي."

"ناٿيواد سماجي نظام ۾ هرڪو ماڻهو هر ٻئي ماڻهوءَ
۾ نت نئون گهرجون پيدا ڪرڻ لاءِ واجهه وجهندو ۽
واجهائيندو رهندو آهي، ته جيئن ڪيس نئين سرڪنهن نئين پيٽ
چڙهڻ لاءِ نه رڳو هرڪائيندو ۽ نت نئينءَ محتاجيءَ ۾
مبتلا ڪندو رهي، پر خيالي ۽ تصوراتي جنتن جي جانبه

۾ سڙهندو ۽ مالي طور تي بردبار به ڪندو رهي.
اهڙيءَ ريت هرڪو ماڻهو هر آنهيءَ ڪوشش ۾ لڳو
پيو هوندو آهي ته ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت پنهنجين پاڻ
گهرين ۽ پاڻ پيزيرائن وارين ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ پين
انسانن جي مٿان، ڪنهن نه ڪنهن قسم جي ويڳاڻيءَ
طاقت جو مظاهرو ڪندو رهي. ڇو ته: جيئن جيئن شين
جي گهٽائي ۽ ريل ڇيل وڌندي ويندي آهي تيئن تيئن
انسانن تي والار ڪرڻ وارين ويڳاڻين طاقتن جي رچڏائيءَ
جو روپ به وڌندو ۽ ويڪرو ٿيندو ويندو آهي. آنهيءَ
ريت هر شين قسم جي پيداوار شين ڦرن ۽ نون ڏڙن
جون صورتون وٺي، شين شين ويڳاڻين طاقتن ڪي وجود
۾ آڻيندي رهندي آهي. ڪو ڪڏڙو به جيڪر ٿوريءَ
گهٽيءَ لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي، پنهنجي پيٽ، پرائو مالڪ
جي هٿ جوڙ ايڏي بي شرميءَ سان نه ڪندو آهي ۽
نه سندس ستل ۽ ٿڪل هوس ڪي جاڳائڻ لاءِ ايڏا
وس ڪندو آهي. جيڏا صنعت جو ڪڏڙو پڻ ڇئن ڏوڪڙن
جي عيوض پنهنجي پياري پاڙيسري جي کيسي خالي ڪرڻ
لاءِ ڪندو آهي. پيداوار جي گهرج وڌائڻ لاءِ هو نه
رڳو پنهنجي پاڙيسريءَ جي اخلاق ڪان ڪريل خواهشن
کي وڌيءَ چاپلوسي سان پورو ڪندو آهي، پر سندس
۽ سندس گهرجن جي وچ ۾ هڪ پيڻوءَ ۽ دلال جو
ڪردار پڻ ادا ڪندو رهندو آهي. ان سان ڪڏ هو
سندس غير ضروري ۽ غير صحتمند خواهشن ۽ ريچڪن

کئي ھٿي ڏيندو ۽ وڌائيندو به رھندو آھي، تہ سندس اوڏاين تي نظر بہ رکندو ايندو آھي. تہ جيئن موقعي ۽ مھل سارو ان پيار جي پورھيي جو ڪانئس ساھہ چڪائي وٺجي." (مخطوط ص ١٤١)

ناڻيواد نظام ۾ انسان پنھنجي پاڻ ۽ پنھنجي خلقڻھار عمل کان ئي ويڳاڻو نہ ٿي پوندو آھي، پر سموري جڳ جھان جي ماڻھن کان بہ اڪيلائي محسوس ڪندو آھي. ھو ھزارين ماڻھن جي ھجوم ھوندي بہ ويڳاڻائيءَ جي وائڙپ ۾ ورتل ھوندو آھي. ھن "گھوڙا وٺ" جي سمجھاڻي ڏيندي مارڪس لکي ٿو تہ:

"پيداوار کان پورھيي واري ويڳاڻي "جيوتي عمل" ۽ ويڳاڻي "جيوتي جوت" جو نتيجو ھيءُ نڪرندو آھي، جو انسان ٻين انسانن کان ئي ويڳاڻو ٿي پوندو آھي، ۽ ائين ھو رڳو ٻين انسانن نہ پر پنھنجي پاڻ ۽ پنھنجيءَ نوعي (خلقڻھار) زندگيءَ جو بہ مخالف ٿي پوندو آھي."

موجود سرمائيدار سماج جو بنياد، گڏيل سماجي سھڪارن جي بدران چٽاڀيٽي ۽ مقابلي بازيءَ تي ٻڌل آھي، ان ڪري ھر طبقي ۽ پيشي وارو ماڻھو مقابلي جي مرض ۾ ئي مبتلا آھي، ۽ ھرڪو ماڻھو ھرماڻھوءَ کي، پنھنجو مخالف ۽ مٽ ڀيڙ ڀائين ٿو. اسان جي ذھني حالت ڏکڙي اھڙي تہ ھيچي انسان جھڙي ٿي پئي آھي، جو جنھن کي ڪن ڏينھن کان پوءِ ڪو مانيءَ جو گيھو ھٿ اچي ۽ ھو ھرڪنھن واھرو کان

رڳو ان ڪري پڇندو، ڏهندو ۽ لڪندو وتي ته متان ڪو ڪٿي ڪانئس ڪسي نه وٺي. اهو ئي سبب آهي جو ”ڀورين پيٽ پنجئو“ جو، زندگي لاءِ معيار ۽ مقصد ٿي پيو آهي. اهڙيءَ ريت هن ”وٺ وٺان“ واري دور ۾ جيڪو انسان ٻين ماڻهن کي ڦڙتيون ڏيندو اڳتي وڌندو وڃي ٿو، ان کي ئي ڪامياب انسان ڄاتو وڃي ٿو. نه رڳو اهو پر ٻين انسانن جي حقن ۽ مفادن کي مليا ميٽ ڪندڙ ۽ اهڙيءَ ريت ترقيءَ جا ٽڪرا ڏاڪا چڙهندڙ انسان جي مان ۽ مرتبي ۾ واڌارو به ٿيندو رهي ٿو. هن ڪري هن ”پاڻ ڳهرائيءَ“ واري ماحول ۾ جيڪڏهن انسان اڪيلائي ۽ ويڳاڻائي محسوس نه ڪري ۽ ٻيا ماڻهو ڪيس پنهنجا مخالف ۽ دشمن پيا نظر نه اچن ته ان ڳالهه تي اچرج ضرور ٿيڻ گهرجي.

جيڪڏهن پورهئي جي پيداوار، پورهيت جي ملڪيت ڪانهي ۽ اها پيداوار مخالف سگهه جي صورت ۾ سندس منهن سامهون ٿي بيهي ته پوءِ ان جي مراد اها ئي ٿيندي ته پيداوار پورهيت جي بجاءِ ڪنهن ٻئي جي ئي ملڪيت آهي، ڇو ته ماڻهوءَ جو پنهنجي پاڻ سان ڳانڍاپو ٻين ماڻهن سان ڳانڍاپي جي صورت ۾ اچڻ کان پوءِ معروضي ۽ حقيقي ٿئي ٿو. هر جي پورهيت جي پورهئي جو ٻاهريون روپ ئي هن لاءِ ويڳاڻو ۽ گهمنڊ وارو آهي ۽ سندس ”جيوتي عمل“ ۽ جوڙ کان اوپرو ۽ ڌاريو آهي ته پوءِ ان جي مراد پڻ اها ئي هئڻ گهرجي ته

پيداوار جي خالق کان مالڪي کسي ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪئي وئي آهي. جيڪو هڪڙي ويڳاڻيءَ ۽ دشمن سگهاريءَ صورت ۾، پورهيت جي وجود کان ڌار ۽ پاڻ وهيڻو وجود آهي.

منهنجو پورهيو ۽ منهنجي پورهئي جي پيداوار جيڪڏهن منهنجي لاءِ ويڳاڻي آهي، يعني منهنجي پنهنجي مالڪيت ڪانه آهي ته پوءِ اها مالڪيت ڪنهن جي آهي؟

مارڪس ان سوال جو جواب ڏيندي لکي ٿو ته:

"ڪنهن ٻئي جي، جيڪو آئون ڪونه آهيان، ته پوءِ اها ٻي هستي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ ديوتا؟ جيڪڏهن سڌريل پيداوار جي شروعات ۾ اڏين ئي سمجهه ۾ پئي آيو، ته پيداوار ديوتائن ئي جو ڏن آهي، جيئن هندستان ۽ مصر ۽ ميڪسيڪو ۾ پيداوار پوڄاگاهن جي ملڪيت سمجهي ويندي هئي، پر تنهن هوندي به پوريءَ ريت ديوتائي رڳو پورهيي ۽ پيداوار جا مالڪ ڪونه هئا. ۽ نه ئي فطرت ان جي مالڪ هئي، پر جيڪڏهن پورهيي جي پيداوار پورهيت جي مالڪيت ڪانهي ۽ ڪنهن اسونهينءَ سگهه جي صورت ۾ سندس منهن سامهون ٿي پوي ٿي ته پوءِ ان جي مراد اها ٿيندي ته اها اسونهين پيداوار جي سگهه ڪنهن واندي ۽ مفت خور جي مالڪيت آهي جنهن جو عمل هڪ پاسي پورهيت لاءِ پيڙائون پيدا ڪري ٿو ته ٻئي پاسي ڪنهن پيٺ وڏي سيٺ لاءِ عيش عشرت ۽ آرام جو سامان مهيا ڪري ٿو. هن

جنهن اسونهين سگهه جو ٻاڇو هرڪنهن جي مٿان پوندو رهي ٿو، سا نه ديوتائن جي نه فطرت جي ئي آهي پر خود انسان جي آهي.“ (مخطوطا ص ١٠٤)

پورهيت پروس پورهئي جي وسيلي، هڪ اهڙي اڻ پوئين انسان جو لاڳاپو، پنهنجي پورهئي سان ڳنڍي ڇڏي ٿو، جيڪو پاڻ ته پورهيو ڪونه ٿو ڪري پر مرڳو پورهيي واري عمل کان ئي پري ۽ ٻاهر ٿو رهي، يعني پورهيت ۽ پورهيي جي وچ وارو لاڳاپو، سرمائيدار [پورهئي جي مالڪ جو جهڙو به نالو هجي] ۽ پورهيي جو لاڳاپو به وجود ۾ آڻي ٿو، خانگي ملڪيت جو نتيجو آهي، انهيءَ ويڳاڻي پورهيي جو — جيڪو ٻاهرئين لاڳاپي جي صورت ۾، پورهيت، پنهنجي ۽ فطرت جي وچ ۾ قائم ڪندو آهي.

سرمائيدار جي اجوڪي اڻ مٽي سماجي سگهه ۽ انسان — دشمنيءَ جو تجربو فيڪٽرين، ڪارخانن واپار جي پيڍين ۽ آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ هر ڪنهن ماڻهوءَ کي ٿي ويندو آهي ڇو ته: اجوڪي دور جي پرمار ۽ پورهيت جي وچ واري لاڳاپي جي پراهين صورت، ايتري ته وڌي وڃي ٿي وئي آهي، جو ڏوڪڙ ـ ڏلي ڏسڻ کان ڏور هوندو آهي، ۽ پورهيت هزارين ميل پري سندس ڪارخانن، ٽامي، ڪوئلي، لوهه جي کاڻين ۽ چانهه جي ۽ زيڙ جي باغن يا ٻين صنعتي ادارن ۾ ڪمائيندو رهندو آهي، پر نه پورهيت کي خبر ته سندس سيٺ

ڪجهڙو ۽ ڪيتري آهي ۽ نه وري سرمائيدار کي مڏ نه
سندس سگهه ۽ سماج جو سرمايو ڪيترو ۽ ڪهڙين جاين
تي سيڙايل آهي. ۽ نه ئي اها ڄاڻ هوندي اٿس ته پورهيو
ڪيترو ڪهڙو، ڪٿي، ۽ ڪهڙي حال ۾ آهن. اهوئي
ڪارڻ آهي جو اڄ ڪلهه واري صنعتڪار ۽ محنتڪار
۾ پراڻي دور جا انساني ناتا، آڳي ۽ گولي يا مجبوريءَ
۽ ڪڙميءَ وارا به گم ٿي ويا آهن.

هاڻوڪي سرمائيدار سماجي دور ۾، ذات جي ويڳاڻپ
جو چوٿون وٿاءُ، انسان جي ذاتي يا نوعي زندگي جو
ٿئي ٿو. ذات جي ميڄاڻپ يا تشخص جو ذڪر هيٺ
آيل مٿيون ٽئي ڪسوٽيون:

(١) پورهيي جو ويڳاڻپو.

(٢) پورهيي جي پيداوار جو ويڳاڻپڻو.

(٣) يا انسان جو انسان کان ويڳاڻپڻو.

اهڙيون حقيقتون آهن جيڪي ٿوريءَ گهڻيءَ مـتا
ڪٿ کان پوءِ هرڪنهن انسان کي سمجهه ۾ اچي
وڃن ٿيون. پر نوعي زندگيءَ جو ويڳاڻپڻو سڀ ڪنهن
کي سولائيءَ سان سمجهڻ ۾ اچڻ جهڙو ڪونه آهي.
مارڪس نوعي زندگي جي لاءِ (Species) جو اصطلاح
ڪتب آندو آهي، جنهن جي مراد آهي، من جا مڙئي
ميلان، لاڙ! يا صلاحيتون — مارڪس جو چوڻ آهي
ته هرڪنهن جانور جي خلقڻهار زندگي ذاتي طور تي
هر ٻئي جانور کان الڳ ۽ جدا هوندي آهي. جيڪا

ٿي سندس نوعي زندگي هوندي آهي. ڇاڪاڻ ته: هر ڪنهن جاندار جيوت جو نوعي ڪردار سندس جيوتي سرگرميءَ تي ٿي مدار رکندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت انسان جو نوعي ڪردار سندس آزاد ۽ خود مختيار شعوري سرگرميءَ ۾ ٿي لڪل آهي، ۽ اها ٿي شعوري سرگرميءَ جي خاصيت آهي، جيڪا ڪيس ٻين جانورن جي نوعي زندگيءَ کان مٿاهون يا افضل ڪري بيهاريندي آهي. انسان ۽ جانور جي "جيوتي عمل" جي ڀيٽ ڪندي، مارڪس لکيو آهي ته:

"حيوان پاڻ توڙي سندس "جيوتي عمل" هڪڙي ڍنگ يا طريقي وارا هوندا آهن، جنهن جي ڪري ٿي جانور پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي عمل جي وچ ۾ فرق ڪري نه سگهندو آهي پر انسان پنهنجي "جيوتي عمل" کي پنهنجي راضپي واريءَ سمجهه جي تابع ڪندو آهي، يعني سندس "جيوتي عمل" شعوري سرگرميءَ تي ٻڌل هوندو آهي، ۽ اهوئي شعوري سرگرميءَ سان واڳيل "جيوتي عمل" انسان کي، جانورن جي "جيوتي عمل" کان مٿيرو ڪري بيهاريندو آهي."

مارڪس چوي ٿو ته: جانور پڻ جوڙون جوڙيندا آهن، جهڙي طرح ماکيءَ جي مک، ماکي ۽ ميڻ جوڙيندي آهي، پکي آکيرا ٺاهيندا آهن ۽ بن مانس (هڪ قسم جو باندر) وڻن جي ٽارين کان اوزارن جو ڪم وٺندا آهن.

"پر جيئن ته حيوان رڳو اهي شيون جوڙيندو آهي،

جيڪي سندس ۽ سندس ٻچن جي پيٽ گذران لاءِ ضروري هونديون آهن، ان ڪري هو رڳو هڪ پاسائين جوڙ جوڙيندو يا پيدا ڪندو آهي. جڏهن ته انسان جي جوڙ ۽ خلقڻهار جي گهڻ- پاسائين هوندي آهي، جانور طبعي ضرورتن مطابق ئي ڪا شيءِ پيدا ڪندو آهي. پر انسان انهن ڳالهين کان آجو ٿي پوءِ به جوڙون جوڙيندو يا پيداوار پيدا ڪندو آهي يا وري انهن سمورين گهرجن ۽ ضرورتن کان آزاد ٿيڻ لاءِ به پيدا ڪندو آهي. جانور پنهنجي ذات يا نوع جي معيادن ۾ گهرجن مطابق پيدا ڪندو آهي، پر انهن سمورين اڻ ڳڻت ۽ گوناگون شين کي پنهنجي پنهنجي رنگ ۽ روپ مطابق ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت جوڙيو آهي، جو ته: انسان حسن، سونهن ۽ ٻين جمالياتي معيادن ۽ قانونن کي پنهنجي سامهون رکي، پوءِ ئي ڪجهه جوڙيندو آهي.

ٻاهرينءَ دنيا جي جوڙجڪ، يعني ناسياتي فطرت جو استعمال، انسان جي شعور ۽ ذهن جي نوعي وجود جي مڃتا آهي، پر پورهيي جي ويڳاڻيءَ صورت، انساني شعور جي سرگرميءَ واري "جيوتي عمل" يعني سندس نوعي زندگيءَ جي سموريءَ جوڙجڪ کي ڊانوا ڊول ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو انسان جو "جيوتي عمل" انسان جي وجود جي جياپي جو ر و وسيلو ٿي پيو آهي. ۽ سندس ذاتي يا نوعي زندگي، ٻين جانورن جي ئي نوعي زندگيءَ جهڙي ڇسي ۽ اڻ ڪارائتي ٿي

پئي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ هو رڳو پنهنجيءَ ذات جي جياپي جا ئي جتن ڪندو رهي ٿو، جيڪا جانورن جي نوعي خاصيت هوندي آهي، جڏهن ته انسان جي نوعي زندگيءَ جي تقاضا ئي هيءَ آهي ته هو پنهنجيءَ خلقڻهار خاصيت جي اپارڻ يا سنوارڻ جون هي لاڳيتيون ڪوششون ڪندو رهي ته جيئن اهي انساني صلاحيتون يا خاصيتون آزاد ۽ خود مختيار ماحول ۾ وڌي ويجهي ۽ ڪارائتو ڪارج ادا ڪري سگهن.

پر پئسي جي پابند سماج ۾ انسان، ايترو ته ڇو ڪنيو ٻڌجي پيو آهي، جو سندس نوعي زندگي انساني "حياتياتي عمل" تان ئي دٽ ڏوئي ويئي آهي.

مارڪس کان اڳ وارا سمورا خيال پرست سماجوادي سڄاڻ خانگي ناڻي جي نهايت ئي نندا ڪندا آيا آهن، ڇو ته، سندن خيال ۾ ذاتي ملڪيت ئي سمورين سماجي ۽ انفرادي براين جي جڙ آهي. پر مارڪس ساڻن سهت نه ٿيندي، چوي ٿو ته: خانگي ناڻو سمورين براين پاڙ نه پر "ذاق جي ويڳاڻپ" جي پراپت آهي، يعني ذاتي ملڪيت پورهيي جي ويڳاڻيءَ ڪارگذاريءَ جو ڦل يا نتيجو (Funition) آهي يا هيئن به چئجي ته ذاتي ملڪيت پورهيي جي ويڳاڻيءَ پيداوار جو روڳ آهي، ان ڪري پورهيي جي وڏيڳاڻائي نه رڳو مقدم حقيقت آدي پر زندگي گهارڻ جو هڪڙو ڍنگ يا طريقو پڻ اهي. جنهن ئي ذاتي ملڪيت کي وجود ۾ آندو آهي امان

جيڪو مادي ذاتي ناڻو يا ملڪيت ڏسون ٿا، سو ويڳاڻائيءَ ۾ ورتل انساني زندگيءَ جو مادي محسوساتي اظهار آهي. جنهن جي چرپر يعني اپت ۽ کپت - سموريءَ گذريل سرجڻهار سرگرميءَ يعني ماڻهپي جي مقصد يا ذات جي حصول، ۽ هئڻ جي حقيقت يا ذات جي اظهار جا احساساتي اظهار ئي آهن، جيئن مذهب، خاندان، رياست، قانون، اخلاق ۽ آرٽ يا ٻيو به گهڻو ڪجهه سرجڻهار سرگرميءَ جون ڌار ڌار صورتون آهن، جيڪي سرجڻهار سرگرميءَ جي قانونن وهيٺيون آهن.

(مخطوطاطم ص ١٢٨)

مارڪس چوي ٿو ته: ناڻيواد نظام ۾ ذاتي ملڪيت ذاتي مطلب پرستيءَ جي صورت وٺي بيٺي آهي ورنه ذاتي ملڪيت، ذات جي خطاطت جو رڳو هڪڙو وسيلو ئي هوندي آهي.

”خانگي ملڪيت اسان کي ايڏو ته اياڻو ۽ ڄاڙو، ۽ ويڳاڻو ڪري ڇڏيو آهي جو اسان ٻاهرئين دنيا کي رڳو تڏهن ٿا پنهنجو سمجهون، جڏهن اها اسان جي والار هيٺ به هجي ته سرمائي جي صورت ۾ موجود به هجي، يا ان کي، اسين کائي، پي، چوڙي هنڍائي ۽ اجهي وغيره لاءِ استعمال ۾ آڻي به سگهندا هجون. مطلب ته ان کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي، پنهنجي تصوف ۾ آڻيندا هجون. پر جڏهن ته ذاتي ملڪيت اهڙن سمورن طريقن کي رڳو زندگيءَ جا ذريعا ڪري وٺندي آهي،

يعني جنهن انساني زندگيءَ جي لاءِ اهڙيون سموريون صورتون زندگيءَ جا ذريعا آهن، سا ذاتي ملڪيت جي صورت ۾، پورهيي ۽ سرمائي جي سرجڻهار زندگي آهي."
(مخطوطاطہ ص ۱۳۲)

هن حساب سان ذاتي ملڪيت پورهيي ۽ سرمائي جي سرجڻهار هوندي آهي، جنهن جي چاتل سچاتل شڪل ۽ صورت ناڻوئي آهي.

"جيئن ته ناڻيواد نظام کان اڳ به واپار وڙو هلندو هوندو هو، بازارون، مارڪيٽ ۽ منڊيون به موجود هونديون هيون، ته سڪو به چالو هوندو هو پر تنهن هوندي به بازارون هڪ ته ٿورائيءَ ۾ هونديون هيون ۽ پيو ته سڪي وغيره جو چالامانو به ڪو ايترو گهڻو ڪونه هوندو هو. اهو ان ڪري به جو ماڻهو پنهنجين گهرجن ۽ ضرورتن واريون گهڻيون تڻيون شيون پاڻ پيدا ڪندا هئا يا وري "ڏي وٺ" يا مٽاسٽا جي وسيلي هٿ ڪري وٺندا هئا، ان ڪري پيداوار جو رڳو واڌارو يا بچتو حصو ئي بازارن ۾ وڪري لاءِ ويندو هو. جڏهن ته "موڙيواد معيشت" ۾ سموري پيداوار بازارن، مارڪيٽن ۽ منڊين ۾ وڪري جي لاءِ ئي پيدا ڪئي وڃي ٿي، اهو ئي سبب آهي جو اڄوڪي سموري دنيا هڪڙي قسم جي مارڪيٽ ٿي پئي آهي. جتي مصنوعات سان گڏ، انسان جو قلم انسان جو پورهيو ۽ پيار، ايستائين جو انسان جو ضمير ۽ ذهن به وڪامندو ۽ خريد ٿيندو

رهي ٿو. هن خريد و فروخت جو واحد وسيلو ناڻو آهي، جنهن سموري ويڪائو مال کي هڪڙي ئي واجھ جي ويڙهيءَ ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي. ان ڪري ناڻو اها واحد ۽ اڪيلي گهرج آهي، جنهن کي "موڙيواد معيشت وجود ۾ آندو آهي." (مخطوطاط ص ۱۴۱)

"نه عيسيٰ نه موسيٰ"

"بـــڙا پـيـر پئسو."

مارڪس ناڻي جي حقيقت جو ڏس ڏيندي لکيو آهي ته: "ناڻو ماڻهوءَ جي محنت ۽ وجود جو ويڳاڻپڻو آهي." (مخطوطاط ص ۱۴۱)

ان ڪري ناڻو انسانن جي انسانيت تي اثرانداز ٿي سندن من جي منورتين جا منهن ئي ڦيرائي ڇڏيندو آهي.

"توهان جيترو گهٽ کائيندا ۽ پيئندا، جيترا ٿورا ڪتاب وٺندا ۽ پڙهندا، جيترا ٿورا کيل تماشا ۽ فلمون ڏسندا يا راڳ روپ ۾ حصو وٺندا، جيترو گهٽ سوچيندا جيترو گهٽ پيار ۽ محبت ڪندا ۽ جيترا گهٽ نظريا يا تصور جوڙيندا، ايترو ئي وڌيڪ ناڻو بچائي سگهندا ۽ ايترو ئي توهان جي سرمائي ۾ واڌارو به ايندو، جنهن کي "ڪيڙو نه اڏوهي." مطلب ته توهان جي شخصيت جيترو جيترو پوئتي پوندي ويندي يا توهان پنهنجي "من جو مک" يا ذات جو اظهار جيترو جيترو هيٺ ڪندا ويندا. توهان جي ناڻي ۾ ايتري ئي وڌيڪ واڌ به ايندي ويندي، ساڳيءَ ريت توهان جي وجود جي ويڳاڻپ ۾

جيتري واڌ ايندي، ايتري سرمائي جي صورت ۾ وڌ به حاصل ٿيندي، ”موڙيواد معيشت“ توهان کان توهان جي جيوت يا انسانيت جيتري ڪپيندي آهي، ايتري سرمائي جي صورت ۾ واپس ڪندي آهي. توهان جيڪي ڪجهه پاڻ نه ٿا ڪري سگهو. توهان کي توهان جو سرمايو ڪري ڏيندو آهي. آرٽ، نو واردات، سياسي سگهه يا پيو گهٽو ڪجهه پڻ هو توهان کي ڏئي ڪري ڏيندو آهي.“ (مخطوطاط ص ١٤٤)

جيئن ته ناڻي ۾ هر شيءِ جي خريد ڪرڻ جي سگهه سمايل هجي ٿي، ان ڪري اها ڪيس ”پاڻ ڏاڍيءَ ذات“ [قادر مطلق] جو درجو پڻ ڏياري ڇڏي ٿي، جنهن لاءِ مارڪس گوئٽي جي هڪ ڊرامي فائوسٽ جو ڏڪڙو جو هڪڙو ٽڪرو نقل ڪندي، ۽ ان تي پنهنجي طرفان ٽيڪاٽپڻي ڪندي لکي ٿو ته:

”منهنجيءَ سگهه جو سرچشمو، منهنجو سرمايو آهي، منهنجي سرمائي جي سگهه منهنجي پنهنجي سگهه آهي، ڇاڪاڻ ته: جو ڪجهه آئون آهيان. يا جو ڪجهه مون کي ڏيڻ گهرجي، يا جو ڪجهه آئون ٿي سگهان ٿو، انهيءَ جي قدر جي ڪسوٽي، منهنجي پنهنجي ذاتي ماڻهپي يا انسانيت ۾ نه پر منهنجي سرمائي ۾ آهي، ڇاڪاڻ ته آئون بدصورت يا بد شڪلو ئي سهي، پر جيئن ته آئون پئسي جي زور تي خوبصورت کان خوبصورت عورت خريد ڪري پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهان ٿو، جنهن

مان ثابت ٿيڻ گهرجي ته آئون بدصورت ڪونه آهيان، ڇو ته: منهنجيءَ بدصورتيءَ جي داغ ۽ ڪوجهائيءَ جي ڪوڙهه کي، منهنجو ناڻو ناس ڪري ڇڏيندو آهي. يا بحيثيت هڪ فرد جي آئون منڊو، ٽنڊو ۽ ڪنهن نه ڪم جو ئي سهي پر جيئن ته پئسو مون کي هڪ يا ٻه ته ڏهيو، پر چوويهه ئي پهر پيدا ڪري ٿو ڏئي، ان ڪري مون ۾ ڪنهن وڏ يا عيب جي ظاهر ٿيڻ جو ڪو سوال ئي نٿو اٿي، يا آئون هڪڙو ڏڪار جوڳو خسيس ۽ بي اصولو انسان ئي سهي، پر پئسي توڙي پئسي واري جي جيئن ته عزت هوندي آهي، ان ڪري پئسو وڏي ۾ وڏو هڪڙو گڻ پڻ آهي، اهڙيءَ ريت ڏن – ڏٺي – من – ڏٺيءَ هئڻ جي حيثيت ۾ آئون ماڻهن جي دلين تي راڄ پڻ ڪندو آهيان، نه رڳو اهو پر پئسو پاڻ کي، بي ايمانيءَ جهڙين بڇڙاين کان به بچائي وٺندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ آئون ايماندار پڻ سمجهيو ويندو آهيان. ان کان وڏيڪ هيءَ ڳالهه ته آئون ٻوڪ، بصر يا احمق ئي سهي، پر پئسو جيئن ته سمورين شين جو حقيقي ذهن هوندو آهي، ان ڪري پئسي وارو عقل کان عاري ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته پئسي جي ذريعي آئون لائق ۽ عقلمند ماڻهن کي خريد ڪري به سگهان ٿو، ان ڪري اهو ته ٿي ئي نٿو سگهي، ته ڪو ماڻهو لائق ۽ عقلمند ماڻهن کي خريد ته ڪري سگهي ٿو پر پاڻ نالائق ۽ عقل کان وانجهو

هجي. نہ رڳو اهو پر آئون پئسي جي ذريعي هر اها شيءِ خريد ڪري سگهان ٿو. جنهن جي آرزو هرڪنهن انسان جي دل ۾ ان ۾ اڀرندي رهندي آهي. ڇا ايترين ڳالهين جي باوجود بہ آئون پنهنجي انساني صلاحيتن جو مالڪ ٿي نٿو سگهان، يا منهنجو سرمايو، منهنجين سمورين نااهلين کي اهليتن ۾ بدلائي نٿو سگهي."

(مخطوطات ص ١٦٥-١٦٦)

هن کان سواءِ شيڪسپيئر جي ڊرامي "آئمون آف ايٿنز" جو هيٺيون مشهور اقتباس پڻ مارڪس نقل ڪيو آهي.

"اي سنهري چمڪيدار املهہ سون!
تنهنجيءَ گهٽائيءَ جو هٿڻ،
ڪاري کي اڇو! اياڻي کي سياڻو،
اجائي کي سجايو، ذليل کي اصيل،
ڪراڙي کي جوان، ۽
بزدل کي بهادر ڪري ڇڏي ٿو.
دين ڌرم جا دڳ ٿي پيچي ڇڏي ٿو،
ڪوڙهين جي پوڄا ڪرائي ٿو،
چورن کي چوڪيدار ۽ سردارن کي مان بخشي ٿو،
اچ! او لعنتي مٽي، انسان ذات جي گڏيل ڪسبياڻي،
تون! ها تون، جيڪا قومن جا ترا ڪيندي آهين،
اچ! تہ آئون توکي تنهنجي فطرت مطابق ملايان."

مارڪس جو چوڻ آهي ته: گهرجون يا ضرورتون
مفلس ماڻهن جون به هونديون آهن، پر اهي سندن دلين
جي دفترن ۾ ئي دفن ٿي وينديون آهن، ڇو ته اهي
پئسي ريءَ پوريون ٿي نه سگهنديون آهن، ان ڪري
اهي ٻين ماڻهن جي آڏو ڪو وجود ڪا معنيٰ يا ڪو
مطلب رکي ڪونه سگهنديون آهن. ۽ نه وري ڪو
حقيقتن جو روپ ئي ڌاري سگهنديون آهن، پئسي جي
زور تي پورين ٿيڻ وارين اڻ پورين ۽ اڻ اثرائتين گهرجن
۾ ”هئڻ ۽ نه هئڻ جو فرق آهي.... جيڪڏهن مون وٽ
مسافريءَ جي ڪرڻ جي لاءِ ڏوڪڙ نه آهن، ته ان
جي مراد اها ئي آهي ته مون کي سفر ڪرڻ جي اهڙي
ڪا حقيقي ضرورت آهي ئي ڪانه — جيڪا پوري ٿيڻ
جهڙي به هجي. يا منهنجي من جو ميلان ۽ لاڙو
جيڪڏهن پڙهائيءَ ڏانهن ئي آهي ته پوءِ جيئن ته مون
وٽ پڙهائيءَ جي لاءِ گهربل رقم موجود ڪانهي، ان
ڪري ان جي مراد پڻ اها ئي ٿيڻ گهرجي ته منهنجي
من جو ميلان يا لاڙو حقيقي ۽ سگهارو ڪونه آهي.
ناڻو اها ٻاهرين پاڻ وهيٽي يا آفاقي سگهه آهي. جيڪا
خيالي خواهشن کي حقيقتن ۾ ئي حقيقتن کي خيالي
خواهشن جي روپ ۾ بدلايو ڇڏي. هيءَ سگهه يا قوت
انسان کان انساني حيثيت ۾ ۽ سماج کان سماجي حيثيت
۾ ورتي نه ويندي آهي پر ان جي ابتڙ ناڻو ماڻهوءَ جي
ادڙبن هڪڙين اڻ آسودين خواهشن کي، جيڪي پڻ

ماڻهوءَ جي مٿي ۾ اڻ اثرائتي طور تي اڀرنديون رهنديون آهن، تن کي حقيقي سگهه ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي. هن سموري صورتحال مان اها پوريءَ ريت ڄاڻ پوي ٿي ته ناٽو انسان جي نه رڳو "آءُ پڻي" يا انفراديت جو انڪاري آهي پر ان سان گڏ، ماڻهوءَ جي پنهنجي ذاتي وجود توڙي سماجي وجود جي لاڳاپن جي وچ ۾ هڪڙي قسم جو وڳوڙ پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

هونءَ به ناٽيواد نظام هيٺ، انسان جي فطري سڀاءَ جي اڻاڻگي جوڙجڪ ٿيندي آهي. جيڪا وفاداريءَ کي بيوفائيءَ ۾، پيار کي ڌڪار ۾، ڌڪار کي پيار ۾، چڱائيءَ کي لڳائيءَ ۾، سچائيءَ کي ڏڇائيءَ ۾ ۽ ڏڇائيءَ کي سچائيءَ ۾، ۽ حماقت کي ذهانت ۾ ۽ ذهانت کي حماقت ۾ بدليندي رهندي آهي. انسان جو انسان جي حيثيت ۾ ٻاهرين ۽ اندرين فطرت دنيا سان جيڪو ڳانڍاپو هئڻ گهرجي. ناٽو ان کي ڊاهي ڊوهي ملياميٽ ڪري ڇڏيندو آهي.

پر ٿوريءَ دير جي لاءِ ناٽي کي نگاهن کان هٽائي، اسان جيڪڏهن انسان کي، انسان تصور ڪندي، سندس فطرت مان ڳانڍاپي واريءَ صورتحال کي رڳو انساني ڳانڍاپي جي صورت ۾ ڏسنداسون ته پوءِ هڪڙي صورتحال بيهٽي آهي، تڏهن پيار جي عوض رڳو پيار ۽ مصيبت جي عوض رڳو مصيبت ملندي ۽ ڀروسي جي موٽ ۾ ڀروسو ملندو. جيڪڏهن توکان آرٽ مان لطف

۽ آسيس وٺڻ گهرو ٿا تہ پوءِ توهان کي آرٽ جو ڄاڻو بہ ٿيڻ گهرجي. يا جيڪڏهن توهان پنهنجي شخصيت جي ذريعي ٻين انسانن کي موهڻ ۽ متاثر ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ توهان کي اهڙو ڪڙو شخص ٿيڻو پوندو، جيڪو ٻين انسانن جي حوصلي کي وڌائي بہ سگهجي تہ توهان جي شخصيت ڏانهن متوجهہ ٿيڻ لاءِ انهن ۾ جوش جذبو ۽ ولولو بہ پيدا ڪري سگهي. انسان ۽ فطرت سان توهان جو هر لاڳاپو توهان جي حقيقي زندگيءَ جو ڀرپور اظهار هئڻ گهرجي، جيڪو توهان جي خواهشين مطابق ٻاهرينءَ دنيا سان ميلاپ رکندو هجي. جيڪڏهن توهان ڪنهن سان محبت تہ ڪريو ٿا، پر پنهنجي محبوب ۾ محبت ڀريو جذبو بيدار ڪري نٿا سگهو. يعني توهان ۾ محبوبيت جو اهو موهہ پيدا نٿو ٿئي. جيڪو توهان جي محبوب کي توهان ڏانهن متوجهہ ٿيڻ لاءِ مجبور ڪري تہ پوءِ توهان جي محبت توهان لاءِ نڀاڳ ۽ نامراديءَ جو ڪارڻ ٿي ٿي سگهي ٿي.

وجودي ويڳاڻپ جي هن سموريءَ ڇنڊڇاڻ مان هن جي نتيجي ڪڍڻ ۾ ڪابہ اهنجائي يا ڏکيائي ڪانہ ٿي رهي تہ ناڻيواد نظام تي مارڪس جو بنيادي جيڪا جلهہ آهي سا هيءَ تہ هن غرض جي غلام سماج ۾ زبردستي ۽ زرپراپتي حياتيءَ جي لاءِ هڙ حاصل سمجهي ويندي آهي، جنهن جي هٿان انسان جو "آءُ پڻو" يا

ذات جو جوهر ڏاڍيءَ بي دردي‌ءَ واري نموني سان پڃندو ۽ تباهه ٿيندو رهندو آهي، جنهن جي ڪري انسان ڪان سندس ”آءُ“ ۽ آزادي ڪسجي ويندا آهن، نه رڳو اهو پر سندس خلقڻهار خاصيتون ۽ سرجڻهار صلاحيتون حرامخورن جي هٿ وس ۽ مفت خورن جي مفادن وهيڻيون ٿي پونديون آهن، جيڪي اڻ پورنءُ انسانن جي ئي والار ۾ ورتل هونديون آهن، اهو ئي سبب آهي، جو ڪيس سموري انساني ايڪتا توڙي پنهنجي پاڻ ڪان ئي ڌار ڪي اينديي آهي، ۽ نتيجي ۾ هو ”ماڻهپي جي ايجتا“ يا ”ذات جي حصول“ جي عمل ڪان ئي اوپرو ٿي پوندو آهي.

مارڪس جي نظر ۾ اصل مسئلو اهو ڪونهي ته پورهيت ماڻهوءَ کي پورهيي جو اجورو گهٽ يا وڌ ڏنو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪين ٻن سون جي بجاءِ، جيڪڏهن ٻه هزار ماهوار پگهار به ڏني وڃي ته به ناڻيواد نظام جيئن جو تيئن قائم ۽ دائم ئي رهندو، ۽ سرمائيدار ۽ پورهيت جي وچ واري لاڳاپي ۾ ڪو به فرق ڪونه پوندو. غلام کي توهان ڀل اهو ئي ڪاڏو ڪارايو، جيڪو پاڻ ڪائيندا هجو يا اهو پهرايو، جيڪو پاڻ پائيندا هجو، پر غلام پوءِ به غلام ئي رهندو، پر مالڪ ڪونه ٿيندو، ايئن جيئن ڏڻ ڪڏهن به ڏڻي ٿي نٿو سگهي، ڪٿي ان جي ڪيتري به سار سنڀال ڇو نه لڌي وڃي، جيئن مارڪس لکيو آهي ته:

”اجوري ۾ واڌارو، غلام جي معاوضي ۾ واڌاري

ڪان سواءِ ٻيو ڪي به ڪين آهي. ڇو ته اهڙيءَ ريت نه ته پورهيت جي ماڻهپي جي ملهه يا قدر (Value) جي ميڄا ٿئي ٿي. ۽ نه وري پورهئي جي پرڪارن ۾ ڪو ڦيرو اچي سگهي ٿو."

سوال هيءُ آهي ته ماڻهوءَ جي ماڻهپي يا ملهه ڪي ميڄا ڪيئن ڏيارجي. انسان "آءُ پڻي" جي آوپرائپ ۽ پنهنجين ئي جوڙيل جوڙن جي جڪڙ ڪان آجو ڪيئن ٿئي. يا "ماڻهپي جي ميڄا" ۽ ذات جي حصول جا موقعا ڪيئن ۽ ڪٿان حاصل ڪري، مارڪس جواب ڏيندي لکي ٿو ته: ان سموريءَ ماجرا جو نبيرو سماجوادي نظام ۾ موجود آهي، جنهن ڪي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ناٺيواد نظام جي ذاتي ملڪيت جي وجود کي ختم ئي ڪرڻو پوندو. [ذاتي ملڪيت مان مراد، روزمره واريون ڪتب ايندڙ شيون نه پر اهڙي ملڪيت ۽ جائداد جيڪا نفعي، وياج، ڀنئي ۽ ڀاڙي وغيره جي صورت ۾ ورتي وڃي ٿي، جيئن ته ڪارخانا، زمينون، ڪاٺيون، ٻيلا وياجخوري ۽ ڏي وٺ وارو وڻج واپار وغيره] اهو ان ڪري به جو سماجوادي نظام، ذاتي ملڪيت توڙي ذاتي بيگانيت جو هاڪاري خاتمو ڪندڙ آهي، جيڪو خيالي پلائن ۽ هوائي اڏن قائم ڪرڻ جي بدران سماجي انقلاب جي وسيلي ناٺيواد نظام جي خاتمي جو گهرجائو آهي.

هونءَ ته ذاتي ملڪيت توڙي ناٺيواد نظام ڪان اڳيري ٿيڻ لاءِ سماجوادي تصور ئي ڪافي آهي، هر

ذاتي ملڪيت جي حقيقت ڪان اڳڀري ٿيڻ لاءِ سماجوادي
هل چل ضروري آهي، جنهن جو پورائو ڪرڻو ته تار
آهي پر جيئن ته سندس ساڃهه ڀريو شعور اسان جي پنهنجي
جيءَ ۾ جايون جوڙي ويٺو آهي، ان ڪري اها ”هل
چل“ هڪڙي ڏينهن ضرور حقيقت جو روپ اختيار ڪندي
۽ پر جڏهن ته ان جي جدوجهد ۽ جاکوڙ ڏاڍي ڏکي،
۽ تمام ڀراهين پنڌ واري آهي.

”ڪجهه ڏرين جو خيال آهي ته ساموادي سماج يا
اشتراڪي نظام انساني جيوت جي جاڳرتا ۽ جوڙ جو
مٿاهون ۽ آخري ڏاڪو آهي. پر مارڪس کي اهڙي
قسم جي ڪابه غلط فهمي ڪانه هئي، سندس خيال هو
ته ساموادي سماج يا اشتراڪي نظام انسان جي آزاد ۽
خوشحال اڏاوت جي حقيقي ۽ اعتماد جوڳيءَ تاريخي،
ارتقا جو هڪڙو اڳاهون ڏاڪو ته ٿي سگهي ٿو پر
انساني جيوت جي جاڳرتا جي جوڙ جي آخري ارتقا يا
ڏاڪو ڪونه آهي.“ ص ۱۴۰.

بلڪ اهو ويجهڙائيءَ واري آئيندي جي اعتماد ۽
ڀروسي جي جاڳرتا جي هرڪر ۽ چرپر جو هڪڙو بنيادي
اصول يا قانون ضرور آهي. جيئن ته اڄ تائين انسان جو
گهڻو تڻو وقت ”جيوتي جياپي“ جي بجاءِ جيوتي، جوڙون
جوڙيندي گذريو آهي. ان ڪري انسان ۽ حيوان جي
”جيوتي عمل ۾ نوعيتي نه پر نسلي فرق پئي رهيو آهي.
جڏهن ته ڪميونزم جي دور ۾ انسان ڦهريون پيرو

سچو پچو آزاد ۽ خودمختيار انسان ٿي اڀرندو، جيڪو پنهنجيءَ سگهه راهه جو پاڻ ڏاڍي هوندو چاڪاڻ ته ڪميونزم جي مراد آهي هڪڙيءَ اهڙيءَ پاڻ وهيڻيءَ ذات واريءَ حيثيت واري انسان جي، پنهنجو پاڻ ڏانهن موٽ ڪائڻ جي، جيڪا انساني ارتقا جي سموري شعوري پونجيءَ ۾ پنهنجي پاڻ ۾ سميٽي يا سموهي وٺندي. ڪميونزم يا ساموواد سماج پوريءَ حرارتي، سڌريل فطرتيت جي [Nacuralism] حيثيت ۾ "ماڻهپي جي ميچتا جو مجبت پريو اقرار آهي، ۽ پوريءَ طور تي سڌريل "ماڻهپي جي ميچتا" واريءَ حيثيت ۾ فطرتيت جو اظهار آهي. جيڪو انسان ۽ فطرت ۽ انسان جي وچ وارين سمورين ويرين کي ڊاهي پٽ ڪندو، جيڪو ذات ۽ جوهر، معروض ۽ ست-پڻي يا اقرار ذات، آجائيءَ ۽ حاجت‌روائيءَ جبر ۽ اختيار ۽ فرد ۽ ان جي نوع جي سموريءَ گڏيل اٽيٽت جو سچو ۽ صحيح حل پيش ڪندو.

مارڪس "موڙيواد معيشت" ۾ ذات يا وجود جي ويڳاڻپ جي ڏار ڏار عواملن ۽ مظهرن جي ڄاڻ ڏيندي، انهن جو واسطو خانگي ملڪيت ۽ ناڻيواد نظام سان جوڙي ٻڌايو آهي ته ڪيئن انسان جي شخصيت ۾ سندس "سرجڻهار سگهه"، يا سندس سوچ ۽ سرگرمي ۽ اخلاق ۽ احساس تي انهن عواملن جو ڪيڏو نه وڏو هاڃيڪار اثر پوندو آهي. نه رڳو اهو پر ان سان گڏ اهو پڻ منطقي نتيجو ڪڍي ٻڌايو ته سماجي انقلاب جي آڻ

ڪان سواءِ ۽ ڪميونزم جي قائم ٿيڻ ڪان سواءِ انسان جسماني توڙي روحاني آجائي ۽ پاڻ وهيٽائي اڻ ٿيڻي آهي.

مارڪسي منطق جي لحاظ ڪان انسان جي نوعي زندگيءَ جي ارتقا جو پهريون شرط "ماڻهپي جي مڃتا" يا ذات جو حصول آهي. ۽ "ماڻهپي جي مڃتا" يا "ذات جي حصول" جو پهريون شرط شخصيت جي مڪمل ۽ پوري آجائي ۽ پاڻ وهيٽائي آهي. يعني انسان جو پنهنجي "هلنديءَ پڄندي" وارو هجڻ. [تحرير، تقرير، ۽ ضمير يا اجتماع جي آزادي، شخصيت جي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ جا مختلف روپ آهن.] شخصيت جي سرجڻهار امڪانن کي موجوده دنيا ۾ بدلڻ جي "هلنديءَ جو حق" ذاتي ملڪيت واري ناٽيواد نظام ۾ ماڻهوءَ کي مايل ڪونه آهي، ڇاڪاڻ ته ناٽيواد نظام "وجود جي ويڳاڙپ" تي ٻڌل آهي، جيڪو شخصيت جي آجائيءَ ۽ پاڻ وهيٽائيءَ جو انڪاري آهي. ان ڪري شخصيت جي پاڻ آجائيءَ يا پاڻ وهيٽائيءَ واري هلندي ۽ پڄندي ڪميونزم نظام ۾ ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي، ۽ "ماڻهپي جي مڃتا" يا "ذات جو حصول" پنهنجي حقيقي معني، مقصد ۽ منزل ۾ ماڻي سگهي ٿو.

Soorih Mirani

ڀُل نامون

صفحو	سٽ	غلط	درست
٥	١٤	وقت	جي ڪري
٥	١٤	چڪ	پڪ
٥	١٥	ساڪو	ملڪو
٦	٣	موڙيوار	موڙيواد
٦	١٢	ويڳائپ	ويڳاڻپ
٦	١٥	پاڻ پٺڙ	پاڻ پٽڙ
٦	١٥	پرستيءَ	پرستيءَ جو
٦	١٨	اوپ	يورپ جي
٦	٢١	ڏانهن	ڏاهن
٦	٢٢	سچاڻوارين	سچاڻوادين
٧	١	ناڻيوار	ناڻيواد
٧	٦	چٿاڻيون	چٿاڙيون
٧	١٤	لاهي	راهي
٨	١	وحدت الوجود	وحدت الوجود جو
٨	٤	وڏا	ڏاڍا
٨	٢٢	قريب	قربت
٩	١٢	منهن	ننهن
١١	٩	جنهن وقت	جنهن جي ڪري

Soorih Mirani

صفحو	سٽ	غلط	درست
١١	٩	ماريت	ماديت
١١	١٦	مايااوار	مايا واد
١٢	٦	پاد	پار
١٢	٧	جيتوييڪ	جيتوٽيڪ
١٢	١٣	وجود	وجودن
١٢	١٣	اندو	اندر
١٢	٢١	”پائپڙ“	پاڻ پنڻي
١٢	٢٢	لاءِ	لاءِ ئي
١٥	١٣	موڙيوار	موڙيواد
١٦	١	آهي،	آهي]
١٦	٨	ڇهنڊڙ	ڇڇنڊڙ
١٧	٧	وجهندو	رهندو
١٧	٩	وصف (ڪان پوءِ هڙهو)	ٿئي جڳ
١٧	٢١	جوڙون نم	جوڙون
١٨	١١	ناٽيوار	ناٽيواد
١٨	٢٢	ناٽيوار	ناٽيواد
١٩	٣	موڙيوار	موڙيواد
١٩	١٩	پيداوار	پيداوار ۽ عمل
١٩	٢١	ناٽيوار	ناٽيواد
٢٠	١١	ٻاڦ	جاڙ
٢٢	٥	جي ستي	جيڪا ست
٢٢	٦	جيڪا	سا
٢٢	٩	نائيواد	ناٽيواد

Soorih Mirani

خاڪي جوڻيي جا ڇپيل ڪتاب

* آزاد گهرجي وطن طويل نظم (ختم ٿيل)

* ايءَ خاڪيءَ جو خيال (شاعري) ٢٠-٠٠

* ڪيڏارو (بيت) ٥-٠٠

* آسڻ جن اريج (طويل نظم) ١٥-٠٠

Soorih Mirani

سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سوره· ميرائي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488